# هينئڙي منجهه هڳاءُ

## مخمور رضا

سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد

2016ع

ڊجيٽل ايڊيشن :

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر**






www.sindhsalamat.com | هينئڙي منجهه هڳاءُ

**حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ**

ڪتاب نمبر (24)

ڪتاب جو نالو: هينئڙي منجهه هڳاءَ
موضوع: شاعري
شاعر: مخمور رضا
ڇاپو: جولاءِ سال 2016ع
ڪمپوزنگ/ لي آئوٽ: شنڪر لال سُڪواڻي
ٽائيٽل: رضوان گل
ڇپيندڙ: سمبارا پبليڪيشن
سيد آرڪيڊ آفيس نمبر 8 عبرت گهٽي گاڏي کاتو حيدرآباد

ملهه: 200 روپيا

Heinare munjh hugah
(Poetry)
By: Makhmoor Raza
Sambara Publication Hyderabad
Cell: 03003513966_03163068979

**ڪتاب ملڻ جا هنڌ:**
ڀٽائي ڪتاب گهر حيدرآباد. فڪشن هائوس حيدرآباد
ادبي بورڊ بڪ اسٽال تلڪ چاڙهي حيدرآباد
قليچ ڪتاب گهر سنڌي لينگويج اٿارٽي حيدرآباد
ڪنگ پن بڪ هائوس پريس ڪلب حيدرآباد
ڪامريڊ بڪ اسٽال ڄامشورو. رابيل ڪتاب گهر لاڙڪاڻو
مهراڻ ڪتاب گهر لاڙڪاڻو. وسيم ڪتاب گهر شڪارپور
سنڌيڪا ڪتاب گهر سکر. تهذيب بڪ اسٽور خيرپور ميرس
ٽر ڪتاب گهر مٺي. الفتح نيوز ايجنسي سکر.

## ارپنا

هي ڪتاب
پياري ماما سائين
**الطاف حسين ميمڻ**
جي نانءِ
جنهن زندگيءَ جي هر موڙ تي
رهنمائي ڪري،
جيئڻ جو انداز ڏنو آهي.

## سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر **(302)** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب **”هينئڙي منجهه هڳاءُ“** نئين ٿهيءَ جي خوبصورت شاعر **مخمور رضا** جي شاعريءَ جو پهريون مجموعو آهي.

سائل پيرزادو لکي ٿو ”مخمور جي شاعريءَ جي آرسي ۾ پنهنجي دور جي درد جا ڪيئي عڪس سانڊيون بيٺي آهي. مخمور جي شاعراڻي نگاهه ڏاڍي حُسناڪ آهي، هن وٽ شئن کي ڏسڻ ۽ بيان ڪرڻ جو هڪ پنهنجو انداز آهي، جيڪو هن پنهنجي ننڍڙي شاعراڻي ڄمار ۾ حاصل ڪري ورتو آهي، اهو شايد هن جي جنون جو معجزو آهي.“

هي ڪتاب **سمبارا پبليڪشن حيدر آباد** پاران 2016ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون پياري دوست ساجد سنڌيءَ جا جنهن سمبارا پبليڪيشن پاران ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي، قرب مخمور رضا جا جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڄاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**



## اداري پاران

مهين جي دڙي جي مٽي لافاني قدرن واري تهذيب آهي، جنهن کي دنيا جي عالمن، اديبن، شاعرن ۽ سياحن سجدا ڪيا آهن. دنيا جي عظيم تهذيب جي پرورش هن مٽيءَ جو ڪرشمو آهي. لاڙڪاڻو پنهنجي شاعراڻي واسَ وَنَ سان سڄي سنڌ ۾ سڃاتو ويندو آهي. جديد سنڌي شاعري پنهنجو معراج ماڻيو آهي، سنڌي شاعري ۾ سڳداسي شاعريءَ جهڙو هڳاءُ بخشيندڙ ڪشنچند بيوس، شيخ اياز ۽ نئين ٿهي جديد سنڌي شاعريءَ کي جوڀن بخشيو آهي.

مخمور رضا غزل جي اٺانگي صنف ۾ پنهنجي ڪوتا جا ڪل رنگ پريا آهن. هو جديد سنڌي شاعريءَ ۾ پنهنجي ٿهيءَ جو سگهارو ۽ نرالو ڪوي آهي، هن جو غزل فن جي حسناڪين سان مخمور آهي، فڪري طرح مخمور رضا پختو ۽ سياءُ وارو شاعر آهي. جماليات جو اظهار ڀرپور انداز سان ڪرڻ جي طاقت رکي ٿو.

سنڌي شاعريءَ ۾ غزل جا ايترا رنگ نکريا آهن، جنهن لاءِ چئي سگهجي ٿو تہ ڏات جي هٿ تي مينديءَ رتا غزل سرجندا رهيا آهن، شاعري حسناڪين جا سمورا پنڌ ڪري چڪي آهي، اندر جي سنهين ڳلين ڪان گذرندي زندگيءَ جهڙو ساءُ ۽ ويساهه بخشي ٿي. شاعري ساهه جي تار آهي ۽ پريںءَ جي گفتار آهي. جنهن جي مهڪ مخمور رضا جي هن ڪتاب ۾ موجود غزلن مان بہ محسوس ٿئي ٿي.

سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد پاران سنڌي ادب کي سينيئر اديبن جي ڪتابي اشاعت سميت نوجوان شاعرن، اديبن ۽ ليکڪن کي بہ وقت بہ وقت پذيرائي ڏيڻ جي مشق کي جاري رکندي لاڙڪاڻي جي هن نوجوان ڪوي مخمور رضا جي پهرين شعري مجموعي ”هينئڙي منجهه هڳاءُ“ ڇپرائي نهايت سرهائي محسوس ڪئي پئي وڃي، اميد تہ هميشہ جيان ساڳي موٽ ملندي.

**ساجد سنڌي**
سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد
03003513966

**پنهنجي پاران:**

منهنجي آمد لئہ بابا ۽ اميءَ سان گڏ هڪ وڏي پيڻ ۽ ٻہ ڀائر منتظر هئا.خير سان انهن جي آس پوري ٿي 2 مارچ 1996ع تي ناناڻي گهر محلہ الله آباد لاڙڪاڻي ۾ نيڻ کوليا ڇٽيءَ جو نالو وڏن ڀائرن غلام اصغر, غلام اڪبر جي نالن جي طرز تي غلام رضا مالڪن رکيو.

بابا سائين حاجي علي گوهر ڳوٺ وليداد گابر ۾ ڪڙمت ڪندو هيو. پنهنجي ننيڙي فيمليءَ سان گڏ ات ئي رهندا هئاسين. ايترو خوشحال وقت ڪو نہ هُيو اهو هڪ غربت گهر ۾ وري اوچتو منهنجي سخت بيمار ٿيڻ بابا کي تہ اصل وڏو پريشان ڪري ڇڏيو هيو. بابا پَر حوصلو نہ هاريو قرض ڪڻي ڪري بہ هن مونکي لاڙڪاڻي ,رتوديرو جي ڪافي ڊاڪٽرن کي ڏيکاريو پر ڪو فائدو نہ پيو. نيٺ ڪراچي جناح اسپتال تائين پهتاسين جتي ڪافي مهينا علاج هليو مونکي چڱي طرح ياد آهي تہ ٽيبليٽ نہ کائيندو هيس تہ بابا ڪيلي ۾ اندر وجهي کارائيندو هيو ۽ جناح اسپتال جي علاج مان ڪافي فائدو پيو پر مرض اڄ ڏينهن تائين جان ناهي ڇڏي.

2002ع ۾ اباڻي ڳوٺ وليداد گابر کي ڇڏي سڄي ڳوٺ کي روئاري پاڻ لاڙڪاڻي لڏي آياسين پنهنجو گهر نہ هئڻ ڪري پنهنجي ناناڻي گهر ۾ ئي رهي پياسين. جتي اڄ بہ رهون پيا. شاعريءَ پاڻ ڏي مونکي ڪيئن ايترو مائل ڪيو اها مونکي بہ خبر نہ آ بس ايتري ڄاڻ اٿم تہ من ايترو مخمور هو جيترو زليخا جو يوسف ڪاڻ هو، نيٺ ان جنون استاد وشال وٹ اچي پهچايو استاد وٽان ڪافي ڪجهہ پرايم هڪ ڏينهن شاعر دوست شيخ نديم پائو عجب شيخ سان ملاقات ڪرائي جنهن مون ۾ جنون جي انتها ڏسي ٻاجهہ جو هٿ مٿي تي رکيو پائو عجب گهڻو ڪجهہ سيکاريو اڄ آئون جهڙا بہ غزل لکي رهيو آهيان ان ۾ ان شخص جي وڏي محنت شامل آهي، پائو عجب جا اهي احسان آئون عمر ڀر نہ لاهي سگهندس، شاعريءَ سان منهنجو پراڻو نہ بلڪ ويجهڙ جو تعلق آ پر پوءِ بہ ايئن لڳندو اٿم تہ سنگم جنمن جو آ ڇڻ آئون ازل کان شاعر آهيان. شاعريءَ جي راهہ تي ڪنهن شاعرهہ کي بہ ايترين مشڪلاتن سان مُنهن ڏيڻو نہ پيو هوندو شايد جيترين سان مونکي مُنهن ڏيڻو پيو آهي. گهر ڀاتين جي خلاف هجڻ ۽ هر وقت ٽوڪجڻ ۽ ويجهو رهندڙ شاعر دوستن جو مونکي شاعر قبول نہ ڪرڻ جي باوجود پيي مون



ڪڏهن بہ حوصلو نہ هاريو آ ۽ نہ ئي پوئتي وک ڪا هٽائي آ. مون کي سمجهہ ۾ اڄ تائين نہ آيو آ تہ مان ماڻهن کي ڪيئن سمجهايان تہ شاعري منهنجو شوق نہ پر منهنجي زندگي آ، ديوانگي آ، عاشقي آ، چاهت آ، محبوبا آ، همسفر آ، ڏرتين منجهہ چانورا ۽ اونداهين منجهہ سهائي آ.

شاعريءَ جا مون تي وڏا وڙ آهن جنهن هر قدم تي حوصلا ارپيا آهن هي جنم تہ ڇا اگر خدا ٻيو جنم بہ ڏنو تہ ان ۾ بہ شاعر ٿيڻ پسند ڪندس. اڄ منهنجي جيڪا بہ سڃاڻپ آهي اها صرف ۽ صرف شاعريءَ جي ڪري آ مان ڪنهن وڏي شاعر ٿيڻ جي ڊوڙ ۾ بلڪل بہ نہ آهيان بس منهنجي لئہ اهو ئي وڏو اعزاز آ جو آئون شاعر سڏيو وڃان.

مون جيڪا بہ شاعري سرجي آ ان لئہ ڪا دعوي' نہ ٿو ڪيان ۽ نہ ئي ڪنهن خوشفهيءَ ۾ آهيان 20 سالن جي عمر ۾ جيڪي ڪجهہ پوڳيو اٿم اهو ئي شعرن ۾ سرجيو اٿم. آئون سنڌ جي اديب, ليکڪن, شاعر دوستن جو بي حد ٿورائتو آهيان جن هن مهل تائين ايترو پيار ڏنو آهي جنهن جي لائق آئون بلڪل بہ نہ آهيان ۽ اميد ڪريان ٿو تہ هو اهڙو پيار ساري ڄمار ڏيندا رهندا. ميڊم رخسانہ پريت جو آئون انتهائي شڪر گذار آهيان جنهن " هينئڙي منجهہ هڳاءُ " جو اهڙو سهڻو بڻڪ ٽائيٽل لکي مون ناچيز کي ايترو مانُ بخشيو سائين سائل پيرزادو جا بہ لک ٿورا جنهن پنهنجي قيمتي وقت مان وقت ڪڍي " هينئڙي منجهہ هڳاءُ" جو اهڙو خوبصورت مهاڳ لکيو ۽ پنهنجي محبوب دوست غوث پيرزادو جا بہ لک احسان جنهن منهنجي ڪچي ڦڪي شاعريءَ تي هڪ سهڻو ۽ لونءَ ڪانداريندڙ تاثر لکيو. ۽" هينئڙي منجهہ هڳاءُ " جو قدرتي نظارن جهڙو خوبصورت ۽ سندر ٽائيٽل ٺاهيندڙ سائين رضوان گل جا وڏا وڙ اوهان پرين پيارن جي ڪومل هٿن تائين ڪتاب پهچائيندڙ سمبارا پبليڪيشن جي سرواڻ ساجد سنڌي جا لک ٿورا جنهن ڪتاب لائق نہ هئڻ باوجود مونکي صاحبِ ڪتاب بڻايو آ سنڌ جي برجستي شاعر سائين سعيد ميمڻ ۽ نيئن ٽهيءَ جي خوبصورت شاعر پائو عجب شيخ جا بہ لک ٿورا جيڪي ڪتاب جي ساري مرحلن ۾ هر پل ٻانهن ٻيلي رهيا ۽ آخر ۾ مان پنهنجي مانديءَ جو پڻ ٿورائتو آهيان جنهن ڪتاب ڇپرائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

**مخمور رضا**
**الله آباد لاڙڪاڻو**

مهاڳ

# مورَ جي ڪَنپ جهڙي شاعري....!

شاعري سماج جي آرسي هوندي آهي، جنهن ۾ سماج اندر رونما ٿيندڙ واقعن، حادثن، رنج رُسامن، ملڻ وڇڙڻ، رُسڻ پرچڻ جا عڪس پنهنجي پُوري سچائيءَ سان پَسي سگهجن ٿا. سماج اندر داخلي توڙي خارجي سطح تي ٿيندڙ تبديلين جا هڪ حساس شاعر تي تمام گهرا اثر پوندا آهن، ۽ هُو جڏهن انهن کي لفظن جو پهراڻ پارائيندو آهي، ته شاعري برٿ ٻڻجي پَوندي آهي، هر حساس ماڻهو شاعر هجي اهو ضروري ناهي، پر ڪو شاعر حساس نه هجي، اهو ناممڪن آهي، ڇاڪاڻ ته شعر رچڻ لاءِ رڳو وزن بحر جو پورائو نه پر جذبي جي شدت پڻ درڪار هوندي آهي، جيڪا احساس کان سواءِ حاصل ٿي نه سگهندي آهي.

شاعري، شاعر جي شعور جي قرن ڦُل مان قطرو قطرو ٿي نڪرندڙ گُلاب جو عرق هوندي آهي، جنهن جي سُرهاڻ ڪيترا ئي من واسي ڇڏيندي آهي، شاعري شيشن تي رقص ڪرڻ جو فن آهي، اهڙن ئي احساس جي شيشن تي رقص ڪندڙ هي سانورو نوجوان مخمور رضا اُتر سنڌ جي دل جهڙي شهر لاڙڪاڻي سان تعلق رکي ٿو.

جهولن ۾ لُڪن جي سرزمين تي پلجندڙ هن شاعر پنهنجي شاعريءَ جي ڪتاب جو نالو ”هينئڙي منجهه هُڳاءُ“ رکيو آهي، سوچيان ٿو سندس هنئين ۾ هُڳاءُ ڪهڙو آهي؟ لاڙڪاڻي جي ڪنهن ڪٽڪ رنگائين جوين جو يا پنج هزار سال پُراڻي سنڌو تهذيب جو؟ ان سُوال جو جواب ڳولڻ لاءِ اسان کي سندس شاعريءَ جي روح ۾ لهڻو پوندو.

شاعريءَ جي سفر ۾ هُو غزل جي رَٿَ تي سُوار ٿيو آهي، غزل جي صنف سنڌي شاعريءَ ۾ تمام گهڻي لکي ويندڙ صنف آهي، مان غزل جي ارتقا جي ڊگهي تاريخ ۾ وڃڻ نٿو چاهيان، ڇاڪاڻ ته اها هاڻي ڪنهن کان به ڳُجهي ڪون رهي آهي، اسان جي سينئر شاعرن غزل کي محبوبا جي تواف مان ڪڍي ڌرتيءَ جي ثقافت سان ڳنڍي غزل جي موضوعاتي ڪينواس کي تمام وسيع ڪري ڇڏيو آهي، سندن باريڪ ڪم جو ئي نتيجو آهي، جو سنڌي غزل گيڙو ويس غزل سڏجي ٿو، ۽ غزل جا ڪوڙ سارا شاعر، شاعريءَ جي دل جي



ڌڙڪن بڻيل آهن.

ڪنهن به شاعر جي شاعريءَ کي پرکڻ لاءِ ان جي دور ۾ ٿيندڙ شاعريءَ تي نظر وجهڻ لازمي آهي، نه ته هونءَ سندس معيار جي خبر نه پوندي، مخمور جنهن دور ۾ غزل لکي رهيو آهي، اهو سنڌي غزل جو شاهوڪار دور آهي، جنهن دور ۾ ننگر پارڪر کان جيڪب آباد تائين سنڌ ۾ ڀرپور غزل لکجي رهيو آهي، ڪوڙ سارا روشن نانوَ غزل جو نالو وٺندي ئي ذهن جي اُفق تي جڳمڳائڻ لڳن ٿا. فني توڙي فڪري حوالي سان غزل حيرت جي حد تائين حَسين لکجي رهيو آهي، جديد غزل ۾ جيڪا خيال جي اُونچي اُڏار آهي، ان جي لاءِ هڪ جُدا تحقيقي پيپر جي ضرورت آهي، پر هتي پاڻ کي مخمور جي غزل بابت ڳالهيون ڪرڻيون آهن، سو سندس غزل تي راءِ ڏيڻ کان اڳ ۾ مان ضروري ٿو سمجهان ته سندس دور تي هڪ نظر وجهي پوءِ پاڻ اچون ٿا مخمور جي غزل ڏي:

هي شهر گهر مٽيءَ جا ۽ ديس دُونهين جهڙو،
منظر اُداس عورت، هڪ گام جو تصور.

(حسن درس)

آئون اُڊڙي آڏُ ٿي آهيان وئي،
رنگ تنهنجي پيار جو ناهي لٿو.

(وسيم سومرو)

منهنجي گهر جُون ڀتيون ڀُتيون آهن،
گهر اُجاڙي نظر نه ايندا سين.

(سعيد ميمڻ)

ٿڌڙي هوا بارش هُئي، موهن ڀڳت هو وجد ۾،
ڪنهن ڀٽ تان گونجي صدا، هي پل مسافر ٿا لڳن.

(اياز جاني)

اسان جيئن به جيئي پيلا ڪو جهان ۾،
سدائين نشان تي، سدا امتحان ۾.

(حليم باغي)

نِگاهون تو تان ٿاريون ٿا ، پنهنجو جڻ پاڻُ ماريون ٿا،
آسين سُورج مُکي آهيون ، ڏِسي تو کي جيئون ٿا پيا.

(ماڻڪ ملاح)

خيال ميڙي ڳنڍي ٿو هڪ ٻئي سان،
ذهن موچيءَ جي آر وانگر آ.

(گدا خاصخيلي)

زخم جا آواز لفظن ۾ پري،
کير تارن کي ٻُڌائيندو رهيو؟

(احمد سولنگي)

ڪيس چئجو نئين جواني آ،
شام جي پهر تي قهر نہ ڪري!

(اقبال رند)

بنسي بہ وڄي، مور نچي، ڊيل ڪا ڊوڙي،
گهنگهور گهٽا گهاءِ، تہ برسات وسي پئي.

(علي زاهد)

وشال نيٽن جي وسعتن ۾، پيام هو پر اسان نہ ڄاتو،
چپن جي ٿڙڪڻ ۾ آچ هُئي، ڪو سلام هو پر اسان نہ ڄاتو.

(ساحر راهو)

سانجهہ ٿي آ ديپ ٻاري پوءِ هلون،
ترس ٿورو هُوءَ نهاري پوءِ هلون.

(ايوب کوسو)

هُوءَ سوچ ۾ پهتي ساجن وٽ،
۽ پُٽ سڙيا پئي مانيءَ جا.

(حاجي ساند)

جنگ جو اعلان هو يا هُئي ڌمال،
رقص ۾ رمجهول هئا ۽ سنڌ هُئي.

(غوث پيرزادو)

هڪ پڪيءَ پئي برف باريءَ ۾ وطن کي هينئن چيو،
ڪاش منهنجا سائبيريا، سنڌ جهڙو ٿي پوين!

(روحل ڪالرو)

اڙي ڪلا اسان کي ڇو تو ڪرب جون اکيون ڏنيون؟
دنيا جو درد ٿي لُڇي آ، پنهنجي ذات اي پرين!

(اظهر ٻانيڻ)

بوند پاڻيءَ جي ڪيئي حاصل، تہ ٿي ويندين فنا!
زندگيءَ جي جستجو آ، پياس کي مارين متان.

(بخشل باغي)

هونئن بظاهر تہ بند هئي ساري،



پوءِ بہ دل مان ڪو دڳ ڏنو هو مون!

(حبدار سولنگي)

جاڳيس تہ پنهنجي خون ۾ وهنتل هيس سڄو،
هوءَ خواب مان نڪري مون کي خنجر هڻي وئي.

(رحمت پيرزادو)

ڪنڌيءَ تان عشق واجهائي،
مان لهرن زور ۾ آهيان.

(روبينہ ابڙو)

ثواب تنهنجو نفيس چولو، اسان اُٽيو آ عذاب ڪاتي،
اسان مسلسل گُناهہ ڪيا هن، تڏهن تہ تو ۾ نڪار آهي.

(جعفر جاني)

اوهان سان عشق ٿو ڪريان، اوهان جو ساٿ ٿو گهرجي،
وڌو ڪو فلسفو ناهي، قصو هي مختصر آهي.

(مسرور پيرزادو)

متان اچين تون بنا وضوءَ جي اسان جي دل جي مقام اندر،
اتي اسان جو عشق، بزرگ، شهيد، صوفي ٿيل دفن ٿئي.

(روشن ظفر راهو)

نئين نئين روز تون لڳين ٿي، نئين ڪا توکي سُڃاڻ گهُرجي،
گلاب جهڙي، نہ چنڊ جهڙي، اهي پُراڻا مثال آهن.

(امر پيرزادو)

مون بنهہ ٿورا مثال ڏنا آهن، ڇاڪاڻ تہ هي سنڌي غزل جو اپياس نہ پر هڪ نوجوان شاعر جي شاعريءَ جي ڪتاب جو مهاڳ آهي، نہ تہ سنڌي شاعريءَ جي بيگن ويليا تہ رنگبرنگي گُلن سان جهنجهي پئي آهي، مٿين مختصر مثالن مان پتو پئي ٿو تہ جديد غزل ڪيڏي اونچي پد تي بيٺل آهي، مون مختلف موضوعن جا شعر ڏيڻ جي ڪوشش ان ڪري بہ ڪئي آهي تہ جيئن سنڌي غزل ۾ موضوعاتي ويرائٽي جي بہ خبر پئجي سگهي، ۽ مٿين شعرن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ سنڌي غزل جو ڇاتہ شاندار معيار جڙيو آهي، ۽ غزل جي ان دور ۾ مخمور رضا پنهنجي اظهار لاءِ غزل کي ئي چُونڊيو آهي، اها خود هڪ وڏي جرئت ۽ اعتماد آهي، آئون ڪيس هروڀرو ڪنهن مهان شاعر جو متبادل ڪوني اپرڻ ڪان اڳ ئي مارڻ جو گناهہ نٿو ڪري سگهان، هو مون لئہ سنڌي غزل جو نئون آواز مخمور ئي آهي، مون سندس آواز جي حُسناڪيءَ کي پنهنجي دل جي ٻِليءَ ۾ ڪيئن محسوس ڪيو آهي، اهو

اوهان جي سامهون بيان ڪيان ٿو.

هي دور جنهن دور ۾ اسين جي رهيا آهيون، اهو دور حادثن ۽ المين جو دور آهي، انساني بيحسيءَ جي تاريخ جو رَت آلود باب آهي، هر روز داخلي توڙي خارجي سطح تي، انسان پَڄ ڊاهه ڪي منهن ڏئي رهيو آهي، جيئن شروع ۾ چئي آيا آهيون ته شاعري پنهنجي دور جي آرسي هوندي آهي، جنهن ۾ حالتن جي شڪل شبيهه چٽي نظر ايندي آهي، اسان جي هن نوجوان جي شاعريءَ جي آرسي به پنهنجي دور جي درد جا ڪيئي عڪس سانديون بيٺي آهي:

آهي ٻوڙن جو شهر شايد جو،
دل جون چيخون ٻُڌي نه ٿو ڪوئي!
يا
مون ڪان پوءِ پيي نه سا اُجهڻ ڏجو،
مون جا سُورن سان لاٿ ٻاري آ.

جڏهن به قومن تي مايوسيءَ جا ڪارا ڪڪر ڇانئجي ويندا آهن، تڏهن شاعري سچ جي ڪرڻ جيان، انهن جو سينو چيري ان مان اُميد جي روشنائي پکيڙيندي آهي، جيئن:

ايئن مايوس ٿي نه ويهي رهه،
حالتن سان اُٿي لڙائي ڪر!

مخمور جي شاعراڻي نگاهه ڏاڍي حُسناڪ آهي، هن وٽ شئن ڪي ڏسڻ، ۽ بيان ڪرڻ جو هڪ پنهنجو انداز آهي، جيڪو هن پنهنجي ننڍڙي شاعراڻي ڄمار ۾ حاصل ڪري ورتو آهي، اهو شايد هن جي جنون جو معجزو آهي:

جنهن جي سامهون پاڻ ڏاهيندي هُئين،
پدمڻي! سا آرسي غمگين آ!
بادلن ۾ سج لڪو پل ڪن وڃي،
ٿي ويو سورج مکي غمگين آ.

هر ڪامياب شاعر پنهنجون جڙون پنهنجي ڪلاسيڪل سان ڳنڍيي رکندو آهي، ڇاڪاڻ ته ڪلاسڪ شيون اهي ئي ٻڻبيون آهن، جن جا انساني ارواحن تي اڻ مٽ اثر هوندا آهن، مخمور به پنهنجي ڪلاسِڪ سان پنهنجو ناتو ڳنڍڻ جا جتن ڪندي نظر اچي ٿو:

ڏني ڪائي حسينا مون، گهڙي سان گڏ نديءَ ويجهو،
لڳو سُهڻي محبت ۾ وري مخمور ٿي وئي آ.

هن شعر ۾ سُهڻي ڪلاسيڪل ڪردار آهي، ۽ ان جو مخمور ٿي وڃڻ جديديت آهي، يا اڃا به سائين تاج جويي جي لفظن ۾ ”جديد ڪلاسيڪيت“ آهي.

مخمور جي غزلن ۾ ڪوڙ سارا اهڙا شعر آهن، جيڪي پڙهڻ سان دل مخمور ٿيڻ لڳي ٿي، ان نئين مڏ مان ڪجهه پيگ (شعر) اوهان جي نظر به ڪجن ٿا:

باهه پويان ۽ اڳيان گهري ندي آ،
موڙ اهڙي تي هي بيٺي زندگي آ!

تنهجي نظرن ۾ او دادلا دلربا!
جڳ سياڻو فقط هڪ چريو آ رضا!

رول جذبن ۽ دل هن نڌڻڪيءَ جي،
اجنبي ڪو ڪري وارثي آ ويو.

مون ٿي چاتو انب جان جن کي مٺو،
ٿُوهه جيان ليڪن اهي ڪوڙا هئا.

مور جي ڪنپ جهڙي ماڻهوءَ تي،
دل مخمور ٿيڻ لڳي آهي.

ٻارڙن ڪي ڏسي چڊا هٿ ۾،
ياد ماضي اچڻ لڳي آهي!

جهُومي سُرَ پيا،چپن،
بانسريءَ ڪي چُميو!
واسجي ويو بدن،
جيئن ڪليءَ کي چُميو!

ايئن هن جي شاعريءَ جا رَڄَ ڪُجهه ڪچا ته ڪجهه پڪا آهن، جيڪي پڪا آهن، اهي حسناڪ آهن، جيڪي ڪچا آهن انهن ڪي اڃا مطالعي ۽ مشاهدي جي آويءَ ۾ پچڻو آهي، هن جا ڪوڙ سارا خيال احساس ڪي ڇُهندي نظر اچن ٿا، چوندا آهن ته ”سلو سو پلو جو انگورئين پلو“ سو هي سانورو نوجوان جيڪو انگورئين پلو آهي، ان مان پلي جي اُميد چوڏهينءَ جي چنڊ جيان پڙي هنيون بيٺي آهي، سندس اوجاڳن جو هي پهريون گلدستو ”هينئڙي منجهه هڳاءُ“ پنهنجي سُرهاڻ سان ڪيئي مَنَ واسي ڪيئي دليون مخمور ڪري سگهي ٿو.

**سائل پيرزادو**
سڪرنڊ
17جون 2016ع

# مخمور رضا ۾ موهن جي دڙي جيڏي اداس شاعري

شاعر مخمور رضا جو شاعراڻو سفر ڪو ايڏو ڊگهو ناهي پر سندس تخليقي سفر تمام پراڻو آهي. سندس شاعريءَ اندر موجود اداسي ڪي پڙهندي جڏهن هن جي تخليقي سفر جي پيرا کڻجن ٿا ته اهي اسان کي پنج هزار سال پراڻي تهذيب موهن جي دڙي جي ڪنڊرن ۾ وٺي وڃي ٿا بيهارين. هي لاڙڪاڻي جو ڇوڪرو شاعر جنهن جي اڃان ڪرڪيٽ راند کيڏڻ جي عمر آهي. جنهن جي اڃان اها عمر آهي ته ڪنهن هڪ جيڏيءَ سان اک ملائي کيس ملڻ لاءِ پاڻهون پڏندي پڪڙجي پئي ۽ ڏاڙهن سندس پيءُ تائين اچي پهچي اهڙي عمر ۾ هن شاعري سان دل لڳائي جوکم جو ڪم ڪنيو آهي. ڪير سمجهائيس ته ڇا رکيو آهي هن شاعريءَ جي دنيا ۾؟ هتي ته رڳو درد آهي. هتي ته رڳو سڏڪا آهن هتي ته رڳو پيڙا آهي ۽ پوءِ اهي سموريون شيون ملي ڪري اياز جاني وانگر ڪنهن دل جي وارڊ تائين پهچائينديون آهن يا نيورو سرجن وٽ رسائينديون آهن يا وري ڪو رولاڪين جو ڊگهو سمنڊ ارپي ڇڏينديون آهن. تون موٽي اچ ان ڏک جي دنيا مان ان دنيا ۾ جتي رڳو ماني ڪائڻ لاءِ جيئبو آهي.

مخمور توکي مبارڪ هجي ته تو درد سان لنئون لاتي آهي ۽ اهو درد ئي توکي شاعري جي سفر ۾ ڪائنات جا ڳجهه ڳولڻ ۾ مدد ڪندو ۽ تنهنجي تخليقي سفر کي ڏينهون ڏينهن نئون وجدان عطا ڪندو. تنهنجي شاعري اسان جي زندگين جو روزنامچو آهي. خوشي رڳو ان ڳالهه جي اٿم ته تنهنجي شاعري ٺلهي لپاڙ بدران تنهنجي پنهنجن جذبن جو اظهار آهي. تون زندگيءَ جي ان خطرناڪ موڙ تي بيٺو آهين جنهن موڙ تان رومانس روح مان ڦوٽهڙو ڪري ٻاهر نڪرندو آهي ۽ خوشبو بڻجي چوڌاري ڦهلجي ويندو آهي ۽ پوءِ ڌرتيءَ جي آڪاس تي ڏينهن ۾ تارا ٽمڪندي نظر ايندا آهن ان عمر ۾ آئيني سان دوستي چوٽان چوٽ هوندي آهي ۽ ماڻهو پاڻ کي ٺاهيون پيو ٺاهيندو آهي. جنهن سان دل جو پيچ ڳنڍجي ويندو آهي ان کان ماڻهو پيو لڪندو آهي، محبوب جي موجودگي جي خبر پڌي دل جو ڌڙڪو وڌي ويندو آهي. جنهن سان اکيون ملندي ماڻهو شرمائڻ لڳندو آهي. پر مخمور جون اهي سموريون وارتائون سندس شاعريءَ پڌريون ڪري وڌيون آهن. هن سانوري



جوڳيءَ جي دل جون ۽ ڪنهن سان نه سلڻ واريون ڳالهيون هن جي شاعريءَ ڪوليءَ وڌيون آهن. هن جو ته اهڙو ڪوبه راز هاڻي نه رهيو آهي جو فاش نه ٿي چڪو هجي.

جنهن تي مخمور جان واري هوءَ
شخص سو مان هجان تمنا آ
يا
هوا ڪومل بدن تنهنجو ڇهي مخمور ٿي وئي آ
گهٽا اچ ٿهڪڙا تنهنجا ٻڌي مخمور ٿي وئي آ
يا

وري چويس ٿو ته:

گلابي يار ساڙهيءَ ۾ بدن تنهنجو هي بادامي
ڏسي چنچل جواني آرسي مخمور ٿي وئي آ

محبوبه کي مذڪر ڪري پيش ڪرڻ سچ ته مونکي ذاتي طور تي تمام گهڻو وڻندو آهي. هيڏي سچي ۽ هيڏي ميچوئر شاعري پڙهي دل گلاب جو گل بڻجي ٿي پئي ۽ هن سنهڙي سيپڪڙي شاعر سان حسد ٿي پئي ٿو ۽ دل ۾ خيال ٿو اچي ته سنڌ جي سمورن ادبي ٺيڪيدارن سان ساز باز ڪري هن لاءِ ادب جي رستن ۾ ڪنڊا وڇائڻ جو ڪم تيز ڪري ڇڏجي نه ته هي اسان نام نهاد شاعرن کي ته ٿوري ئي عرصي ۾ گهڻو پوئتي ڇڏي ويندو. ذهن ۾ هڪ سوال پيدا ٿيو آهي ته آخر هن شاعر هي ڳالهيون ڪرڻ ڪٿان ۽ ڪيئن سکيون آهن. هي دور جنهن ۾ فيس بوڪ شاعريءَ جون ٽنگون ٻانهون ڀڃي ڪين لولو لنگڙو ڪري ڇڏيو آهي ته پوءِ مخمور هن دور ۾ هن قسم جي شاعري ڪيئن سرجي آهي؟

اسان جهڙن سماجن ۾ جتي عشق جي سزا گولي هجي، جتي پيار ڪرڻ عيب هجي اهڙن سماجن ۾ دوست ئي مضبوط پناهه گاهون هوندا آهن جن جي ٿڪن سان ٿڪ ملائي سماج سان بغاوت ڪرڻ آسان هوندو آهي. دوست ئي هوندا آهن جن سان راتيون ويهي اڇيون ڪبيون آهيون. جن سان اسان حقيقت ۾ به عشق ڪندا آهيون.

سرد راتين ۾ توساڻ او سانورا
مچ تي جي ڪچهريون ڪيون ياد هن
وقت سهڻو هو پاڪر ئي پاڪر هئا
روز ڏيندو هئين تون چميون ياد هن.

رومانوري منظرن جي انتها آهي. مخمور جهڙا شاعر ئي هوندا آهن جيڪو پڙهندڙ کي ٺڪائڻ وارو گناهه نہ ڪندا آهن. سندن شاعري جو لفظ لفظ سچ هوندو آهي تنهن ڪري ئي هو پڙهندڙ جي دلين تي قبضو ڪرڻ جي سگهہ رکندا آهن. هن جي دل بہ هن جيان شرارتي آهي. بس ڪنهن کي چاهي ويهي ٿي رهي. ڪيس ان جو ڪو الڪو ناهي تہ شيشي ڪان بہ نازڪ آهي ڪٿي ٽٽي نہ پئي.

نيڻ مرڪي جڏهن بہ ڪٽنديون آن
سنڌ جهڙي حسين لڳنديون آن
يا
هڪڙي چهري ۾ سوين چهرا ڏٺا
جاڳ تـوڙي نـنـڊ ۾ دوڪـا ڏٺـا

لاڙڪاڻو شهيدن جي ڌرتي آهي. هن ڌرتيءَ مان ڦٽندڙ گلن جي خوشبو ماڻهوءَ کي باغي بڻائي ڇڏيندي آهي. هن پوڻءَ تي جنم وٺندڙ ماڻهو ڪمپرومائيز نہ ڪندا آهن. تنهن ڪري هو تختہ دار تي ويندي بہ ٻاڪ کي اوچو رکندا آهن. تنهن ڪري شاعريءَ جي اندر هيءُ بغات مخمور کي ورثي ۾ ملي آهي. هن ڌرتي جي تخليقي جوهر جو حصو مخمور جي جهول ۾ بہ پيو آهي. لاڙڪاڻي جي شاعرن جي دهريءَ ۾ مخمور بہ هڪ لڙهيءَ جيان سمائجي چڪو آهي جنهن دهريءَ ۾ غفار تبسم,واجد، سعيد ميمڻ، اياز جاني، غلام نبي گل، وشال، جواد جعفري، محمدعلي پناڻ، ربينہ ابڙو، رضا بخاري، ۽ پيا ڪيترا انيڪ شاعر اڳ ئي جرڪا ڏئي رهيا هئا اتي مخمور جو واڌارو عيد جي چنڊ جيان آهي.

مخمور رضا پنهنجي شاعري ۾ منظرن سان ڳالهائي ٿو. هو مصوريءَ سان شاعري ڪري ٿو.

ڏٺي ڪائي حسينا مون گهڙي سان گڏ نديءَ ويجهو
لڳو سهڻي محبت ۾ وري مخمور ٿي وئي آ

مان تہ نظر انداز ڪري بہ ڇڏيان مخمور جي تخليق جي اتم پد کي پر ڇا تاريخ هن کي نظر انداز ڪري سگهي ٿي؟ تہ جواب اچي ٿو تہ ڪڏهن بہ نہ ڇو تہ هن چيو آهي تہ لڳو سهڻي محبت ۾ وري مخمور ٿي وئي آ. ها! مخمور چوي ٿو تہ سهڻيون بار بار جنم وٺنديون آهن. اهو تہ ڪنهن بہ نہ سوچيو هو تہ سهڻي ڇو دريا ۾ لٽي هئي پر مخمور ٻڌائي ٿو تہ ان وقت هوءَ ميهر جي



عشق ۾ مخمور هئي. هاڻي مون ۾ سگهہ ناهي تہ وري ان مخمور لفظ جي بہ وضاحت ڪريان نہ تہ جيڪر ڳالهہ اجان اڳتي وڃي.

مخمور رضا پنهنجي شاعريءَ ۾ تمام گهڻو وسيع آهي. هن جي شاعري سموري ڪائنات ۾ ڦهليل آهي. هو ڪنهن بہ هڪ موضوع ۾ قيد ناهي. ڇو تہ هو حقيقي آرٽسٽ آهي سو هو دل کي هٿن ۾ کڻي گهمي ٿو جتي بہ ڪو ٽاپو اچيس ٿو تہ لڪي وڃي ٿو. پر هن جي شاعريءَ ۾محبوبا، وطن دوستي، سماجي انياءَ دوستن جون ڳالهيون خاص اهميت سان اظهاريل نظر اچن ٿيون.

پنهنجي نيڻن جو شعاءُ ڳولي ٿي
گـمـشـده پـار مـاءُ ڳـولـي ٿـي
يا
چـرپـٽـن جي ازل ڪـان نـگـريءَ ۾
ڪـا ايـاڻـي نـيـاءُ ڳـولـي ٿـي

جن بہ ماڻهن جو ڳوناڻي زندگيءَ سان تعلق رهيو آهي تن جي تخليقن ۾ ٻوليءَ جو جهان چٽو نظر آيو آهي. مخمور رضا جي شاعريءَ جي ٻولي بہ ڀرپور آهي ۽ اسان جي ثقافتي رنگ سان رڇيل بہ آهي. مخمور رضا جي شاعري کي جيترو بہ گهرائيءَ سان پڙهبو ان ۾ ايترو اسان کي تخليق جي گهرائيءَ جو اندازو ٿيندو. ڌرتيءَ جي ڳالهہ ڪري ٿو تہ اها بہ ڪنهن دليل ڪانسواءِ نہ ٿو ڪري. هو چوي ٿو:

واٽ پونڊئي سڃي سنهري ٿي
پنهنجو رهبر پرين! ڀٽائي ڪر

هاڻي هو نعريبازيءَ جو شڪار ٿيندي ڪنهن سياسي رهبر جو ذڪر بہ ڪري پئي سگهيو پر هو ڀٽائيءَ کي رهبر بنائڻ واري ڳالهہ ڪري اسان جو ڌيان ڇڪائي ٿو تہ سنڌ جو فڪري رهبر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي آهي ۽ جيستائين اسان هن کي هيئين سان نہ هنڊائينداسين اسان جي منزل پنهنجي منطقي انجام تائين نہ پهچندي. مخمور رضا جي شاعري ۾ وطن جي سڪ تہ موجود آهي پر ان سڪ کي رڳو هو سڪ نہ ٿو ٻڌائي پر ان ڳالهہ کي اڳتي بہ وڌائي ٿو:

بکايل جي ڳيچي جي لئہ هجي جنهن وٽ نہ ڪجهہ ٻيو پر
شـرابـن ۽ رنـديـن تـي لـڪ لـٽـائي جـو سو ڏوهي آ

اهائي مذاحمت آهي جيڪا شاعر سماج هرفورم تي ڪري ٿو ۽ هو

هڪ گس ڏيکاريندو رهي ٿو تہ آخر مسئلن جو حل ڇا آهي. هن سمجهي ورتو آهي تہ ڪٿي ڪٿي ۽ ڪهڙي ريت جبر جي تاريخ لکبي رهي ٿي ۽ ان کي هن مٿئين شعر ۾ واضح ڪري لکيو آهي. هن حسين شاعر جي شاعري بہ سلو پوائزن جيان ماڻهوءَ جي وجود ۾ لهندي ٿي وڃي ۽ آخر ۾ چڻ تہ ماري وجهي ٿي. هي شاعر جنهن سان بہ مليو ان جو ٿي ويو ۽ جنهن سان نہ مليو اهو هن جو ٿي ويو آهي. ان ڳالهہ ۾ ڪا عربي فارسي ناهي پر هن جي تخليق جو ئي ڪمال آهي جو هو جن جو آهي تن جو بہ آهي جن جو ناهي تن جو بہ آهي. دل ٿي چوي تہ پيڙا هن جو وجود جو حصو جيڪر نہ هجي! پر! ڇا ڪجي حقيقتن کي ڪيترو لڪائي سگهبو ۽ هڪ ڪوي تہ اهڙو گناهہ ڪري نہ ٿو سگهي:

لتن هيٺان ڪي گل چٿبا ڏسي تڪليف ٿيندي آ
آ لچندي لونءَ، سوچن ۾ وڏي تڪليف ٿيندي آ
يا
اماڻيا جي اوهان ميسيج هئا انڪار جا سائين
خدا ڄاڻي اهي اڄ ڇو پڙهي تڪليف ٿيندي آ

هي سمورو ڪتاب بي حسيءَ خلاف دک جي معصوم ايف آءِ آر آهي جنهن کي هن جا ويجها دوست ئي غور سان پڙهن ۽ سمجهن تہ هي معصوم انسان ڪهڙيون ڳالهيون ڪري رهيو آهي. هن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي، ڇو تہ ڪيترائي مثال آهن جو اسان دوستن جو معصوم ڳالهيون هوائي توائي ڪري ڇڏيندا آهيون:

ڪنهن ڏهاڙي هٿان لڏي وڃبو
هيءُ ميلو مٿل ڇڏي وڃبو
يا
رات آهيون وٺون سڪون لاهي
صبح ٿيندي ٻي پار ڏي وڃبو

سو اڇو تہ هڪٻئي کي سمجهون ۽ مخمور رضا جا سمورا دوست هن جي مام ڀريل پر صاف لفظن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون ڇو تہ هي رڳو لفظ ناهن. هي اسان جي سماج جي المين جو ننڍيون ننڍيون پينٽنگس آهن. پر انهن پينٽنگس کي ڏسي انهن مان رڳو لطف ماڻڻ بدران انهن جي ازالي لاءِ بہ ڪجهہ ڪري سگهون.

غوث پيرزادو



## قصيدو

چنڊُ ۽ آسمان حيدرؑ جو،
آ سڄو هي جهان حيدرؑ جو.

رب جي ذات جي مٿان قربان،
آ ٿيو خاندان حيدرؑ جو.

ان ڪري در تي آ سجايو جو،
هي علم آ نشان حيدرؑ جو.

ٿو گواهي ڏئي هي خود آذان،
ٿيو نہ سجدو آ ذيان حيدرؑ جو.

ربّ جو قسم هر جهانن ڪان،
رتبو آ مهان حيدرؑ جو.

ڄاڻي پرور ٿو مؤمنن جي آ،
لونءَ لونءَ ۾ مڪان حيدرؑ جو.

جو بہ "مخمور!" آهي اڄ مون وٽ،
سو مليل آهي دان حيدرؑ جو.

# نوحو

لال ڪربل ۾ ڪُهائي ٿو حسينؑ.
دينِ رب کي رنگ لائي ٿو حسينؑ.

وحشتن جي انڌياري منجهه ديپ،
ماٺيپي جو ڪو جلائي ٿو حسينؑ.

ڀاءُ غازيءَ جي شهادت جو ٻُڌِي،
ٿيڙ صحرا منجهه ڪائي ٿو حسينؑ.

دور آهيان مان وچڙ وارو هي ڳالهه،
ڏيءُ سڪينهؑ کان لڪائي ٿو حسينؑ.

مون ڪان پو توتي ستم ٿيندا گهڻا،
پُٽ عابدؑ کي ٻڌائي ٿو حسينؑ.

حق جو پرچم ڪري بلند رضا،
نانءُ باطل جو مِٽائي ٿو حسينؑ.



ڪجهه ته اڳتي وڌان تمنا آ
چنڊ! تو تي رسان تمنا آ

تنهنجي نزديڪ شال سائڻ! مان
سائي وانگي رهان تمنا آ

دوستن جي انڌير نگريءَ ۾
ديپ ٻڻجي ٻران تمنا آ

تنهنجي تهذيب تي او سنڌڙي! مان
پيو لڪان پيو لڪان تمنا آ

تنهنجي آغوش ۾ مٽي آيل!
ٻارَ جان جهٽ سمهان تمنا آ

جنهن تي مخمور جان واري هوءَ
شخص سو مان هجان تمنا آ

هوا ڪومل بدن تنهنجو! ڇُهي مخمورُ ٿي وئي آ
گهٽا اڄ ٿهڪڙا تنهنجا! ٻُڌي مخمورُ ٿي وئي آ

گلابي يار! ساڙهيءَ ۾ بدن تنهنجو هي بادامي
ڏسي چنچل جواني آرسي مخمور ٿي وئي آ

هوائون گيت ڳائن ٿيون نچي ٿي لام وڻ وڻ جي
لڳي ٿو ايئن جڻ دنيا سڄي مخمور ٿي وئي آ

ڏني ڪائي حسينا مون گهڙي سان گڏ نديءَ ويجهو
لڳو سُهڻي محبت ۾ وري مخمور ٿي وئي آ

رکيو جيئن پيرُ تو پنهنجو پرين! موهن جي آڳر تي
فضا موهن جي مهڪي ۽ مٽي مخمور ٿي وئي آ

نظر اهڙو الائي ڇا اسان ۾ هن ڪي آيو آ
اسانجي جو محبت ۾ سکي مخمور ٿي وئي آ

اسانجي ڪيتري مخمور! آ معصوم هي دلڙي
وري ڪنهن ڪاغذي گل تي چري مخمور ٿي وئي آ



پنهنجي نيڻن جو شعاءُ ڳولي ٿي
گمشده يارُ ماءُ ڳولي ٿي

ڇرپٽن جي ازل کان نگريءَ ۾
ڪا اياڻي نياءُ ڳولي ٿي

مون کي ڏيڻ لئه شڪست منهنجي ئي
روز تقدير داءُ ڳولي ٿي

تو کان وڇڙي او من جي ملڪه!، دل
سرخ چپڙن جو ساءُ ڳولي ٿي

ناءُ خود تان تنهنجو مِتائڻ لئه
دلّ ڪوئي اپاءُ ڳولي ٿي

تنهنجي! نيڻن ۾ منهنجي پياسي ديد
سمنڊ يا ڪو تلاءُ ڳولي ٿي

جـر تـي سـرهـو واءُ رهـي ٿـو،
ڪـونـجـن جـو پـڙلاءُ رهـي ٿـو.

جيـجـل ڌرتـيءَ جي سيـنـي تـي،
ڀـاءُ کـي کـهـنـدو ڀـاءُ رهـي ٿـو.

اڄ ڀــي اونــدهــ کــي آزادي،
اڄ بــ قــيــد شــعــاءُ رهــي ٿــو.

منهـنجي جيـون تـي دردن جي،
سـورج جـو چـو تـاءُ رهـي ٿـو؟

ڪنهن سهڻي ڳل جي يادن جو،
**’هيـنـئڙي منـجهـ هڳاءُ‘** رهي ٿو.

حسـن بـ چـڙ بـازيـگـر آهـي،
داءُ تــي هــڻــنــدو داءُ رهــي ٿــو.

روز ڪپهـ جيئن ڪنئوري من کي،
ڏيــنــدو جــڳُ ايــذاءُ رهــي ٿــو.

ماڳ ڪٿي مخمور! آ تنهنجو؟
ســوچــن تــي ســوداءُ رهــي ٿــو.



وطن تان جان گهورڻ ڪان لنوائي جو، سو ڏوهي آ
نہ پنهنجي قرض ڌرتيءَ جو چُڪائي جو، سو ڏوهي آ

اسان جي سنڌ ڌرتيءَ جي پوتر پاڪ نقشي ڏي
ڏسي ميرين نگاهن سان چِتائي جو، سو ڏوهي آ

رنگيل جنهن جا هجن هٿڙا غريبن جي لهوءَ ۾ ءِ
انهيءَ ظالم جي هٿ سان هٿ ملائي جو، سو ڏوهي آ

ظلم ڌرتيءَ سان ڪيڏو هوءِ ڪيڏو آ، ڪوي جي هيءَ
حقيقت پنهنجي شعرن ۾ لڪائي جو، سو ڏوهي آ

بکايل جي ڳيي جي لئہ هجي جنهن وٽ نہ ڪجهہ ٻيي پر
شرابن ۽ رنڊين تي لک لُٽائي جو، سو ڏوهي آ

ٿـڙن گـلـڙا مـحـبـت جـا جـتـي سـهـڻـا سـهـانـا ٿـا
اُتـي نـفـرت جـي ٻـوٽـن کـي لڳائـي جو، سـو ڏوهـي آ

امـن لـئـہ ٿـورڙو پـي کـيـن سـوچـي ۽ وري رهـنـدو
مـٿـان فـتـنـن فـسـادن کـي وڌائـي جو، سـو ڏوهـي آ

پـلـي پـرتـي هـجـي کـيـڏو مـگـر دل ۾ نـگـاهـن تـان
سـچـڻ، ساٿـيـهـ جـو نـقـشـو مِـٽـائـي جـو، سـو ڏوهـي آ

لُڏن کنهن لام تي ويٺا اگر کي پيار جا پنڇي
گـلـوليءَ سان ڇـڏي تـن کـي اُڏائـي جو، سو ڏوهـي آ

جهالت جي انڌيري کي ڏيڻ لئہ مات چئي ”مخمور“
نـہ ٿـو کـو عـلـم جـو ڏيـئـو جـلائـي جـو، سـو ڏوهـي آ



کيڏا لاچار هون، ڳالهہ سمجهن نہ ٿا،
سک الئي ڇو اسان ساڻ پرچن نہ ٿا؟

عشق جا جي چٽيل چِٽَ هن دل مٿان،
ڪيترا وس اٿم ڪيا سي مِٽجن نہ ٿا.

ڇا ٿيو آهي جو آ هوا سوڳ ۾؟
ڀڪندڙ ۾ هي منظر بہ ڀڪن نہ ٿا.

منهنجا مولا! رڳو ڏات ئي ڏات ڏي،
پاڻ کي تاج سونا ڪي گهرجن نہ ٿا.

ٻاجهہ آهي پٽائيءَ جي جن جي مٿان،
آدمي سي خدا ڄاڻي وڪرن نہ ٿا.

ٿو ٻڌي اڻ ٻڌا ٿو ڪري يا وري،
منهنجا سڌڙا خدا تائين پهچن ٿا.؟

تن کي کهڙو ڏجي ناءُ ”مخمور“ چئي؟
جيئڙا جي پرِينِ ڪاڻ تڙپن نہ ٿا.

جيءُ ڪنهن لئہ جڏهن ديوانو هو،
وقت لڳنـدو تـڏهن سمانو هو.

آس جو دل منجهان ويو ڍاهي،
ڪوئي طوفان آ ستانو هو.

مون تلاشيو زمين ۽ اڀ ۾،
منهنجي ڪٿ پي نہ آشيانو هو.

زندگانيءَ جو هو مُدو پورو،
خودڪشي بس رڳو بهانو هو.

جنهن ۾ چشما ها پيار جا وهندا،
ڪهڙو آخر اهو زمانو هو؟

پالو ٻٽجي هو روح ۾ لڳندو،
دوست ڏيندو جڏهن ڪو طعنو هو،

جنهن کي ”مخمور“ پنهنجو ڄاتو هو،
سو پرائو اصل خزانو هو.



بهارن اجاڙيو، خزائن نہ هو،
ڏنو فائدو ڪو وفائن نہ هو.

اسان جو وڏيو حوصلو هو اجان،
اسان کي جهڪايو سزائن نہ هو.

ڇڏيو پنهنجو پيچو خدا جو قسم،
سچي زندگاني دغائن نہ هو،

اسان کي ڪيو خوش گلابي اکين،
طبيبن، حڪيمن، دوائن نہ هو.

ڏسي سخت جلندي اُسن ۾ بدن،
ڪيو ڇانورو ڪو گهٽائن نہ هو.

اسان جو هو من سادگيءَ موهيو،
شرارت پرين ڪن ادائن نہ هو.

اسان جي محبت جو مخمور! ديپُ
زماني اجهايو، هوائن نہ هو.

ڪونہ سمجھي ٿي دل ڳھيلي آ،
زندگاني بہ جڻ پھيلي آ.

جس دلڙيءَ کي آ ازل کان جاءِ،
حالتن سان وڙھي اڪيلي آ.

ٿي اچي آٿتون ڏئي ڪيڏيون،
ساھہ جي سار جڻ سھيلي آ.

ھي جيئي جيءَ صرف تو لئہ ٿو،
تو نہ ڄاتو ڪڏھن ڇو ٻيلي! آ.؟

ڪاش ان کي ملي سزا جيڪر،
پيار جي پوک جنھن بہ پيلي آ.

تنھنجي! ايندا قريب پنڇي ڇو؟
تو تہ ھٿ ۾ ڪنئي ڳليلي آ.

ياد مخمور کي اڃان تائين،
تنھنجي! ھر ھڪ ادا ھنيلي آ.



پنھنجي وچ ۾ جي فاصلا آھن،
ڇا مقدر جا فيصلا آھن؟

دل ڏڪائي وري مٿان مرڪڻ،
اڄ جي ماڻھن جا مشغلا آھن.

قُرب جيڏو بہ ڏين پر پوپي،
دوست پرپٺ ڪندا گلا آھن.

پنھنجي منزل تي ويو پُڄي رھبر،
ويا رُلي راھہ قافلا آھن.

آئون ڏاريان پيو ڏاڍ جا ڏونگر،
ڏات ارپيان ھي حوصلا آھن.

ڪنگ اجرا ڪٿي اڏامي ويا؟
ڪپ تي وڻ ھي ھيڪلا آھن.

دور "مخمور" جي نگاھن کان،
سارا منظر ھي ڏنڌلا آھن.

رهزنن کي اچو! پوءِ مان اچ تڙيون،
قاتلن کي اچو! پونءِ مان اچ تڙيون.

جن کي لوئيءَ جي ڪا لڄ ناهي رهي،
تن انڌن کي اچو! پونءِ مان اچ تڙيون.

جي چمن کي لتاڙڻ گهرن ٿا، انهن،
جاهلن کي اچو! پونءِ مان اچ تڙيون.

دوستيءَ جا سچا ڪي ورائي وچن،
دشمنن کي اچو! پونءِ مان اچ تڙيون.

محبتن کي پناهون ڏئي دوستو!
نفرتن کي اچو! پونءِ مان اچ تڙيون.

سورمو، پهلوانو ۽ جوڌا اُٿي،
ڪانئرن کي اچو! پونءِ مان اچ تڙيون

هڪ جهڙي سيئي، سوچ سهٽي رکي،
بيوڙن کي اچو! پونءِ مان اچ تڙيون.

جن ڏنا گهاءُ مخمور! احساس کي،
تن ڪنڌن کي اچو! پونءِ مان اچ تڙيون.



ڪانه بدلي تازگي گلدان جي،
سوچ متجي وئي مگر انسان جي،

ڪيترا نقصان وئي آهي ڪري،
يا خدا! هڪڙي گهڙي طوفان جي.

رات لوڙي ڪو مري مفلس ويو،
سئينَ هٽندي درد جي درمان جي.

بس نه لفظن جي رڳو پرجي سگهي،
باقي پرجي چوٽ وئي هر ڪان جي.

نيڻ پرجي ويا، اندر تڙپڻ لڳو،
ڳالهه چيڙي ڪنهن جڏهن زندان جي.

نيٺ لائيندي او *رهبر! رنگ کي،
رائگان محنت نه ويندي *خان جي.

حالتن بيحس مروڙي آ ڇڏي،
چو ڳچي مخمور جي ارمان جي؟

* رهبر: سائين جي ايم سيد.
* خان: بشير خان

کنهن ڏهاڙي هتان لڏي ويجبو،
هيءُ ميلو متل ڇڏي ويجبو.

رات آهيون وٺون سکون لاهي،
صبح ٿيندي، ٻي پار ڏي ويجبو.

شهر ننيڙو ڇڏي هميشہ لئہ،
هاڻ صحرا پيو سڏي ويجبو.

ڇو رُٺل هن اسان ڪان، پر ڇائڻ،؟
اڄ خوشين جي هلي تڏي ويجبو.

خوبصورت اوهان جي! نيڻن ۾،
چاهتن جو جهڳو اڏي ويجبو.



ڇوءِ ڪنهن جي ڪاڻ اجان آ؟
لونءَ لونءَ ۾ جا تاڻ اجان آ.

هن هينئڙي کي ويڙهيل تنهنجي!
سپنن جي سرهاڻ اجان آ.

تنهنجي چاهت جهڙو من ۾،
موجن ۾ مهراڻ اجان آ.

دل پاڳل آ گهاءَ اندر کي،
ڏيندي رهندي پاڻ اجان آ.

تو ڪان! پوءِ بہ اوسيئڙو آ،
نيڻن ۾ آلاڻ اجان آ.

آخر ڪيئن تبديلي ايندي،؟
ذهنن ۾ گدلاڻ اجان آ.

ڪيرُ آ رهبر، ڪيرُ آ رهزن،
ڪانہ اِها پئي ڄاڻ اجان آ.

لتن هيٺان ڪي گلَ چٿبا ڏسي تڪليف ٿيندي آ،
آ لڇندي لوڻ سوچن ۾ وڏي تڪليف ٿيندي آ.

جتي آباد سهڻو ڪو چمن هوندو هو تتلين جو،
ڏسي ڏينهن جي اڄ اتڙي مڳي تڪليف ٿيندي آ.

امن جا گيت ڳائيندڙ هوائن ۾، ڏسي مولا!
ڪُتل آڪيرڙن ۾ هي پکي تڪليف ٿيندي آ.

اماڻيا جا اوهان ميسيج هئا انڪار جا سائين!
خدا ڄاڻي اُهي اڄ ٻيي پڙهي تڪليف ٿيندي آ.

جڏهن ڪان هن تڙپو آهي اسان ڪي دل جي آڳر مان،
تڏهن ڪان هر گهڙي، هر پل پئي تڪليف ٿيندي آ.

اسان ڪي جيئن آ تڪليف ٿيندي دور تو ڪان ٿي،
ڇا تو ڪي ٻيي اسان ڪان دُور ٿي تڪليف ٿيندي آ.!؟

اسان جي دل ڳهيليءَ جو حسين خوابن جو ڪو جهوپو،
جڏهن مخمور آ پوندو ڊهي تڪليف ٿيندي آ.



هڪڙي ڇهري ۾ سوين ڇهرا ڏٺا،
جاڳ توڙي ننڊ ۾ دوڪا ڏٺا.

هو نہ ايندو اٿ هلئون خود ڪي ڇيو،
جيئن لهندي سج جا پاڇا ڏٺا.

هن زماني ۾ الائي ڪيترا،
ديد هوندي آدمي انڌا ڏٺا.

جت ٿهوڪا مورَ نچندڙ جا هئا،
اڄ اتي نانگن جا مون پيٽا ڏٺا.

هئا خوشيءَ جا لڙڪ نيڻن ۾ تريس،
ٻارَ جيئن گند تي سڪل ڍوڍا ڏٺا.

پروسي جي هنياءُ ۾ خنجر ڪتل،
پاڻ وک تي هتي ڪيڏا ڏٺا.

جنهن مهل گل پئي چنا ويا، تنهن مهل،
پوپٽن جي ديد ۾ ڳوڙها ڏٺا.

شرابن کان توي گھڻو دور ٿياسين،
خمارن ۾ ويڙھيل تڏھن پي رھياسين.

اوھان جون ھيون ساڻ ساروڻ اسان سان،
بظاھر اڪيلا اڪيلا ھئاسين.

اسان جي نہ ڌرتي، نہ ئي آسمان ھو،
تہ ڇا؟ خوابَ سارا اجايا ڏٺاسين.

مُدو زندگيءَ جو اجان ڪجھہ رھيل ھو،
اڳي وقت کان پو اسان ڇو مئاسين؟

ڏٺاسين بہ اھڙو اسان او خدايا!
وري پاڻ کي ڪونہ جوڙي سگھياسين.

مٿان پاڻ لھرن جي ھلندا رھياسين،
خبر ئي نہ پئي ڪا ٻڏي پي وياسين.

اسان کي ڏکو عرش تان ھو ڏنو ويو،
اسان پاڻ مخمور ڪاٿي ڪرياسين؟



اوندھہ منجھہ شعاءُ نہ آ،
دل ٺاريندڙ واءُ نہ آ.

ھر پاسي انياءُ رڳو،
ڪنھن پاسي بہ نياءُ نہ آ.

مرضيءَ سان ھارايو آ،
وقت ھنيو ڪو داءُ نہ آ.

جنھن کي آ جيون ارپيو،
ان کي ڪو بہ لڳاءُ نہ آ.

پاڇي وانگر گڏُ جي آن!
من ۾ ڪو سوداءُ نہ آ.

چاھت آ نالي جي بس،
ان ۾ ساڳيو ساءُ نہ آ.

نيٺ اسان سان ڇو مخمور؟
خوشين جو سرچاءُ نہ آ.

نيڻ مرڪي جڏهن بہ ڪٽنديـن آن!
سنڌ جهڙي حسين لڳنديـن آن!

اهـڙو چـاهـي؟ پـلا اسـان ۾ جـو،
پئي دعائون خدا کان گهرنديـن آن!

دل ڪٽي ڪيئن نفيس شيشي جي،؟
پٿرن جي شهر ۾ جيئنديـن آن!؟

چو نہ ايـنديـن آن روح جي ويجهو،
دور ايڏو خوشي! چو رهنديـن آن؟

مُنهن سامهون ملڻ پري ٿيو پر،
خواب ۾ پيي ڪڏهن نہ ملنديـن آن!

خار لڳنـدي آ تو کي ڪوڙن تي،
ڪوڙ کي سچ ڪونہ چونديـن آن!

اجڙي وستي سڃي سا ويـندي آ،
جت بہ نفرت! قدم تون رکنديـن آن.



خوابَ جي شهر ۾ رُلي ويا هن،
نيڻ رستا وري پُلي ويا هن.

مان اڏُامان ٿو وقت! ڏس ڀيهر،
پَرَ منهنجا ڀڏل ڪلي ويا هن.

آهي سارو چمن ٻُسو ٿي ويو،
گل مرجهائجي ڪُلي ويا هن.

ڏس! ڪکاوان جهڳا جُهري ويا سپ،
تيز طوفان کي گهُلي ويا هن.

تنهنجو چهرو حسين پسي پوپٽ
پيچرا باغ جا پُلي ويا هن.

عشق مخمور کي ڪيو مئڪش،
چرچا چوڏار هي هُلي ويا هن.

شهر هن جو قريب پهتو آ
ٿي ويو تيز دل جو ڌڙڪو آ

سايان! انتظار ۾ تنهنجي
ٿي ويو جوان خوابُ پوڙهو آ

زندگانيءَ جي ڏار تان اُڏندي
ٿيو خوشين جي پکين کي عرصو آ

جهڙو شاعر جو آهي شعرن سان
سُونهن سان منهنجو اهڙو رشتو آ

ڪونه منزل تي سو رسي سگهندو
جنهن جو من ٿورڙو بہ ميرو آ

رنگُ مخمور! تنهنجي نيڻن جو
پت ڪرين جي بهار جهڙو آ



تو پڄاڻان زندگي غمگين آ
پت ڪرين جي هر گهڙي غمگين آ

جنهن جي سامهون پاڻ ٿاهيندي هئينءَ!
پدمڻي! سا آرسي غمگين آ

لاش وَرَ جو رات شاديءَ جي ڏسي
لعلُ جوڙي ۾ وني غمگين آ

بادلن ۾ سج لڪيو پل ڪن وجي
ٿي ويو سورج مُکي غمگين آ

ويو مري فنڪار آ تنهن جي پٺيان
دهل، باجو، بانسري غمگين آ

مان ڇڙو مخمور! ناهيان ڏيهہ ۾
هرڪو هتڙي آدمي غمگين آ

مُدت ڪان مولا! تڙپن ٿا
سايـيان لئہ سپنا تڙپن ٿا

روز اوهان جي درشن خاطر
هي نيڻ نماڻا تڙپن ٿا

غربت آهي گهر ۾ ايڏي
پيا بک تي ٻچڙا تڙپن ٿا

برسات! ڪٿي آهين تون لئہ
ٿرُ ۽ ٿروارا تڙپن ٿا

خاموشيءَ جي عالم ۾ هي
آوارا جذبا تڙپن ٿا

احساس شمع! اي ڪر ٿورو
ڪيڏو پروانا تڙپن ٿا

ڪاون جي رستن تي هلندي
هي پيرَ اگهاڙا تڙپن ٿا



سونهن سان سنڌ سان سچائي ڪر!
عمر تون ايئن سڄڻ سجائي ڪر!

واٽ پوندئي سڄي سُنهري ٿي
پنهنجو رهبر پرين! پٽائي ڪر.

جنهن سان انسان کي ڪو پهچي ڏکُ
ڳالهہ اهڙي نہ يار ڪائي ڪر!

پٽُ يا ڌيءُ ڏين اڪين تي رب!
بس اولاد جي سٺائي ڪر!

ايئن مايوس ٿي نہ ويهي رهہ!
حالتن سان اُٺي لڙائي ڪر!

مان سهي جيتري سگهان ساجن!
ايتري تون ڏکهي جدائي ڪر!

بعد ۾ جوڙ ست، ڪوي پهريان،
دُور خود مان تون! هر بُرائي ڪر.

هن غزل جي مطلع استاد بخاري جي هڪ غزل جي مطلع کان متاثر ٿي لکيل.

اک اک کي ڇُھي رهي آهي
لونءَ ڪانڊارجي رهي آهي

منهنجي من ۾ تکي ڪنڊي وانگر
ياد تنهنجي! چڀي رهي آهي

جيڏو ويجهو وڃان ٿو هن جي مان
دُور اوڏو وڃي رهي آهي

پنهنجي من ۾ لڪائي ماتم ڪي
ناچڻي ڇو نچي رهي آهي؟

بي وفائي دنيا سموريءَ ۾
مرض وانگي وڌي رهي آهي

تنهنجي دردن کان تنگ ٿي آخر
دل ڪري خودڪشي رهي آهي



باهه پوپيان ۾ اڳيان گهري ندي آ،
موڙ اهڙي تي هي بيٺي زندگي آ.

ديوَ جهڙي هن وڇوڙي کان ڇڏائڻ،
جانَ پنهنجي ٿي پئي ڏاڍي ڏکي آ.

نيڻ منهنجا ئي رڳو ڏوهي نه هن پر،
سونهن لئه هر اک هتي آسائتي آ.

دل اسان جي ڊنڊ آ جنهن ۾ اوهانجي،
ياد جي ٻيڙي سدا ترندي رهي آ.

سرخ خوابن جي لڳي تعبير پويان،
زندگاني موت جي ويجهو پڳي آ.

باک جهڙي ڇوڪري! مخمور جي هن،
دل ۾ تنهنجي چاهتن جي روشني آ.

عشق ھن سان جڏھن ڪان ڪيو آ رضا!
حادثن مان گذرڻو پيو آ رضا!

رُوح منھنجو اجارو ازل ڪان وٺي
زندگيءَ جي ٻَلين ۾ رُليو آ رضا!

تنھنجي نظرن ۾ او دادلا دلربا!
جڳ سياڻو فقط ھڪ چريو آ رضا!

جيءُ سانڍي سدا سوڪڙين جان پيو
درد جو دوستن ڪان مليو آ رضا!

سوڳ ۾ پيو اڃي باغ سارو نظر
ڪوئي پوپٽ لڳي ٿو مئو آ رضا!

ڪونہ اٿندو ھي مخمورُ ھاڻي ڪڏھن
ننڊ اھڙي وجي ڪا سُتو آ رضا



چنڊ جون چلوِلايون، ڪتيون ياد ھن
گڏ اوھان! سان گذاريل گھڙيون ياد ھن

سَردُ راتين ۾ توساڻ او سانورا!
مچ تي جي ڪچھريون ڪيون ياد ھن

ھر جنم ڏينھن منھنجي جلائيندو ھئين!
رنگ رنگي ميڻ جون سي بتيون ياد ھن

وقت سھڻو ھو ياڪر ئي ياڪر ھئا
روز ڏيندو ھئين تون! چميون ياد ھن

منھنجو گھر تنھنجي مرڪن سان ھو مھڪيل
رونقون، رنگ ۽ سي خوشيون ياد ھن

لاڙڪاڻي شھر مان اوھان لئہ سڪي!
سوکڙيون مون وٺيون ھون سڀيون ياد ھن

جن کي ڏسندي ٿي مخمورُ ويندو ھُيس
مڌ جھڙيون اکيون سي اکيون ياد ھن

ظلم جو ڏونگر ڏاري وجبو،
انجام اهو پاري وجبو.

طوفان اُجهائي جو نہ سگهي،
اهڙو ڏيئو پاري وجبو.

دشمنُ پنهنجي ٻوليءَ جو هر،
ڳولهي ڳولهي ماري وجبو.

ڪارو، ڪاريءَ جي رسمن جو،
هتڙان گند ٻُهاري وجبو.

دوکي بازن جي ڇهري تان،
گونگهٽ هاڻ اتاري وجبو.

سنڌڙي! تنهنجي تهذيبن تان،
سر ڀي پنهنجو واري وجبو.



مينهن، ڪنوڻ ۾ ڳاج ڳجي ٿي
سانئڻ! تنهنجي ياد اچي ٿي

تو ڪان پو او پڳلي! اڪثر
تنهائي نزديڪ رهي ٿي

دوريءَ جي ساگر ۾ دل جي
آشائن جي ناوَ ٻڏي ٿي

قهر ڏسي ڌرتيءَ ڇاون تي
لونءَ لڇي ۽ جند جُهري ٿي

ڪنيَ ڪري آلا پاٽيءَ ۾
ڪيري ڪپ تي رقص ڪري ٿي

*فياض! اوهان تي ديد پوڻ سان
نيڻن ڪي آسيس ملي ٿي

هوريان هوريان روز حياتي
برف جيان مخمور ڳري ٿي

* فياض: نئين ٿهيءَ جو اڀرندڙ شاعر فياض حسين جتوئي

هو جو چنچل اکين سان ڇُهي آ ويو
جو صدين جو هيو ٿڪ لهي آ ويو

تنهنجي چاهت جي خوشبوءِ ۾ سانورا!
روح جو روح ۾ي واسجي آ ويو

رولُ جذبن ۾ دل هن ننڌ ٽڪيءَ جي
اجنبي کو کري وارثي آ ويو

نفرتن جي هلي راهه تي ٿو ڏسان
پيار جو پيچرو جڳ ۾لي آ ويو

جي قيامت نه آهي ته ڇا هي، خدا!؟
ٻارُ معصوم کوئي کهي آ ويو.

گهر جي غمگين مخمور! آڳر مٿان،
رات خوشين جو بادل وسي آ ويو.



فاصلن کان ٻڃي رهي آ دل
ويجهڙايون گهُري رهي آ دل

جن جي تعبير ئي نه آ ڪائي
خواب اهڙا ڏسي رهي آ دل

کونج جهڙا پرين! پڇاڻان تو
لمحي لمحي لُڇي رهي آ دل

پنهنجي دردن جا عکس شعرن ۾
روز منهنجي ڇِتي رهي آ دل

تو کي پنهنجي ڏسي اکين آڏو
ناچڻيءَ جان نچي رهي آ دل

ديوتا دوستن کي سمجهي ۾
تن جي آڏو جُهکي رهي آ دل

راهہ ۾ وکريل سوين ڪاوا هئا،
۽ اسان جا پير پي ننگا هئا،

منهنجي پيرن جي هئا هيٺان ڪنڊا،
تنهنجي! قدمن ۾ مگر تارا هئا.

ڪيچلايون ڪيتريون هئاسين ڪندا،
جُوانُ هي دل جا جذهن جذبا هئا.

مون ٿي ڄاتو انب جان جن کي مٺو،
ٿوهہ جان ليڪن اُهي ڪوڙا هئا.

ان وچان هان ڏينهن مان جيڪر مري،
ٿيا جذهن دل جا قتل سپنا هئا.

روز چپ شدت سان هئي چمندي سکي!
ڪيترا دلڪش اُهي لمحا هئا.



بوند سنهڙي وسڻ لڳي آهي،
آرزو هر لچڻ لڳي آهي.

هجر ۾ هير پي ٿڌي مونکي،
جهولي جهڙي لڳڻ لڳي آهي.

سگهہ اوسيئڙي جي موسم ۾،
ماس ڪوري ڪپڻ لڳي آهي.

پيٽ جي نانگ کي هو پالڻ لئہ،
شرم وڪٽي نچڻ لڳي آهي.

ٻارڙن کي ڏسي چدا هٿ ۾،
ياد ماضي اچڻ لڳي آهي.

مُورَ جي کنپ جهڙي ماٺهوءَ تي،
دلّ مخمور ٿيڻ لڳي آهي.

پدمڻيءَ کي ڇُهيو،
جڻ خوشيءَ کي ڇُهيو.

واسجي ويو بدن،
جيئن ڪليءَ کي ڇُهيو.

رات مون خواب ۾،
هڪ پريءَ کي ڇُهيو.

جهومي سُرَ پيا، ڇپن،
بانسريءَ کي ڇُهيو.

مشڪلاتن آ ڇو؟
آدميءَ کي ڇُهيو.

ڇاهي وانگي لڳي،
دوستيءَ کي ڇُهيو.

غربتن جي ڪري،
خودڪشيءَ کي ڇهيو.



تنگ ها ڪيترا،
عشق جا پيچرا.

خواب ڏاڍو اڏيا،
پر نہ اپ تي پڳا.

لوڪ لئہ شعر ها،
درد مون جي چٽيا.

ڏک اڏوهيءَ جيان،
جند کائي ويا.

ساهہ مومل ڏنو،
رات راڻي بنا.

ويا پگهاري پٽر،
وقت جا حادثا.

تنهنجا! مخمور کي،
درد پيي دادلا.

سنڌ جو سڌ ٻُڌِي نہ ٿو ڪوئي،
ننڊ پيو آ اُٿي نہ ٿو ڪوئي.

روز آثار پيا وڃن مِٽبا،
ڏيان ليڪن ڏري نہ ٿو ڪوئي.

چپ سبيل اٿن يا ظالم جي،
خوف خاطر ڪڇي نہ ٿو ڪوئي.

آهي ٻوڙن جو شهر شايد جو،
دل جون چيخون ٻُڌي نہ ٿو ڪوئي.

منهنجي بي رنگ هن حياتيءَ ۾،
وقت ڪان رنگ ڀري نہ ٿو ڪوئي.

چورَ، بدماش ٿا لڳن هي سڀ،
مونکي رهبر لڳي نہ ٿو ڪوئي.



سرمئي آسمانُ جيڏو آ،
دردَ جو ڀي جهانُ ايڏو آ.

موت جو ڀي ٻُڌي نہ آيو آ،
اڄ خبر پئي پڪو هو ڪيڏو آ.

ساھ ڪان ڀي قريب سمجهيم سو،
جنهن رکيو فاصلو هي هيڏو آ.

جيڏو يوسف سان هو زليخا جو،
عشق هن ساڻ منهنجو تيڏو آ.

حسرتن جو سفر نہ ٿو نبري،
روح ٿڪجي پيو هي ڪيڏو آ.

خوشبو، خوشبو واٽ سڃي آ،
شايد گذري هوءَ وئي آ.

ڪومل ڪومل هٿڙن سان هوءَ،
رات بہ وئي سپني ۾ ڇُهي آ.

سيوهاڻيءَ جي ميلي تان مون،
تو لئہ آندي هيل سڳي آ.

آزاديءَ جا خوابَ ڏسي ڪا،
قيدياڻي پئي هاڻ تڪي آ.

جيڏي ڌرتيءَ ۾ آ اپ ۾،
ايڏي پاڻ ۾ يار! وِٿي آ.

تو کان پو پلجي پي نہ صورت،
درپن جي مون يار! ڏٺي آ.

هن جي نيڻن ۾ نہ سگهيو ڪا،
ٿاهي هي مخمور جهڳي آ.



ڪيترو دوري ڏڪائي پئي خدا!
روح تي تاندا وسائي پئي خدا!

ايئن لڳو بي رنگ ٿي دنيا وئي
جنهن پهر هوءَ موڪلائي پئي خدا!

منهنجي من جي دادلي هر خواب کي
تشنگي رچ ۾ رُلائي پئي خدا!

ڪنهن اڌوري آس جي تصوير دل
روز نيڻن ۾ سجائي پئي خدا!

جهارِ اُلڪن جي ڪتان آهي لٿي؟
فصل مرڪن جو وڃائي پئي خدا!

ڪنهن مٿيءَ جي مورتيءَ کي ڪيترو
شاعري هستي بڻائي پئي خدا!

ڪو نہ ٽڪيو هان پنڌ جاري آ
بارُ توڙي ڪلهن تي ڀاري آ

مون ڪان پو پِي نہ سا اجهڻ ڏيجو!
مون جا سورن سان لاٿ ٻاري آ

عشق تنهنجي! جا مون تي وڙ آهن
منهنجي جنهن زندگي سنواري آ

پيار جي آءُ! لالٽين ٻاري
منتظر تو لئہ رات ڪاري آ

تو ڪي ايئن ڇو لڳي ٿو تو ڪان وڌ؟
مونکي منهنجي حيات پياري آ

دل ورتاءُ ٿي ڪري اهڙو
پنهنجي ناهي ڪا ڇڻ تہ ڏاري آ

دل! تنهنجي حسين سپنن جي
سايان رڃ، صحرا، واري آ



تنهنجون سارون بہ ڇڻ سُيون آهن،
ٽنبجي روح ۾ پيون آهن.

دل دکيءَ جون سيئي صدائون ٿي،
گم پولار ۾ ويون آهن.

اُڀ تي رقص ۾ هوائون ءِ،
هيٺ جهومي رهيون ڪليون آهن.

ڇو ازل ڪان وٺي زنجيرن ۾؟
سوچون جڪڙي اسان رکيون آهن؟

هڪ پٿر جي مجسمي ۾ تو!
ڇو؟ اميدون رکيون وڏيون آهن.

جيڪي احساس ڪان هجن پرتي،
کهڙي ڪم جون سي زندگيون آهن.

جيءُ جهوري رهيو هڪ سدا خوف آ،
ٿي نہ مونکان وچي تون! جدا خوف آ.

جا مون غلطي ڪئي ئي نہ آهي ڪڏهن،
زندگي ڏي نہ ان جي سزا خوف آ.

جيڪا يوسف سان پنهنجن ڪئي زيادتي،
مونسان پيي ڪن نہ پنهنجا اُها خوف آ.

منهنجي آهي ڪکائين ٺهيل جهوپڙي،
توکان ٿيندو تڏهن ئي هوا! خوف آ.

نيڻ مون ڏي ڪڻي ايئن نہ ڏس او سکي!
ٿي نہ دل جا پون حادثا خوف آ.

ڪوڪ ڪويل! نہ ڪر، منهنجي من جي سُتل،
ڪا نہ جاڳي پوي پاونا خوف آ.

ڏُورَ وانگي پيا ماڻهون، ماڻهون ڪُهن
تنهنجو ڪاٿي رهيو ڏَسِ خدا! خوف آ

ايترو منهنجي مخمور! ويجهو نہ آءُ
ٿي نہ مون کان پوي ڪا خطا خوف آ



وقت جي فرش تي ڪري عينڪ،
پروسي جي پئي ٽٽي عينڪ

تو ڪي ساريندي او سڄڻ سائين!
مونسان هئي رات پيي رني عينڪ.

ڪيئن؟ ميسيج مان پڙهان هن جا،
گهر جو آيو هان مان پُلي عينڪ.

ڪيڏي اهميت ٿي سا رکي مون لئہ،
تو جا! تحفي ۾ آ ڏني عينڪ.

ڪير جهڙي سفيد چهري تي،
ڪيڏي سندر لڳي پئي عينڪ.

مون تلاشي گهڻي زماني ۾،
ماڻهپي جي نہ پر ملي عينڪ.

روهڙي شهر مان نئيي هوندي،
بابا هڪ هئي ڏني وٺي عينڪ.

تو! ڇُهيو جيئن دل-ڪلي مرڪي پئي،
زندگيءَ جي هر ڳلي مهڪي پئي.

ڪنهن ڇنڊيا پئي زلف آلا خوابَ ۾،
ننڊ آڌيءَ رات آ ڇرڪي پئي.

تو! رکيو جيئن پيرُ دل جي چانئٺ تي،
جوت جذبن ۾ نئين جرڪي پئي.

سونهن جي ڦاٿس ڍيءَ ۾ ايئن مان،
ڇڙ تہ ڦاسي آهي ڪا جهرڪي پئي.

مدتن کان چين جي ڳولا ڪندي،
زندگاني نيٺ آ سهڪي پئي.

تنهنجي! هن مخمور جوين کي ڏسي،
حسرتن جي آڳ آ ڀڙڪي پئي.



روشنين کان اسان رٺل آهيون،
رات جي خواب ۾ ستل آهيون.

ڪونہ نڪري سگهياسون ٻاهر ڏسُ،
غار ۾ ئي اجان پيل آهيون.

ڪيترو تون اسان کي جوڙيندي!
هنڌ، هنڌ کان اسين ٽٽل آهيون.

نينهن وسري ويو نگاهن کان،
ايڏو ڪم ڪار ۾ رڌل آهيون.

پنهنجي جوانيءَ کي سنڌ تان گهوري،
ٿي ويا ڪيترا سڦل آهيون.

وک اڳتي نہ ٿي اسان کان ٿي،
ايترا پاڻ اڄ ٿڪل آهيون.

وقت مخمور! شاهدي ڏيندو،
خارَ آهيون يا پاڻ گلَ آهيون.

درد جو پنڌ نيٺ ڪٽيو آ،
ماڳ سک جو ڪڏهن ته اچڻو آ.

ڪوششون رائگان نه ويڻيون هن،
ديپ طوفان منجهه ٻرڻو آ.

زندگيءَ جي اداس ڪونڊيءَ ۾،
ڪو ته مرڪن جو گل ٽڙڻو آ.

سرخ نيڻن ۾ جنهن پناهه ورتي،
موت تنهن کي ڪڏهن نه اچڻو آ.

هاڻ مومل نه ڪا جنم وٺندي،
ءِ نه راڻو ٻه ڪوئي ڄمڻو آ.

ڪيستائين؟ خلا ۾ دم ڏيندو،
نيٺ چنڊ تي چڪور رسڻو آ.



ديد سان ديد ڪا ملي آ اڄ،
مدتن بعد دل کِلِي آ اڄ.

وقت ڪان پوءِ منهنجي آڳر تي،
اوچتو پئي خوشي ٻُلي آ اڄ.

مون وڏي جستجو ڪان پو آخر،
دوست حاصل ڪيو دلي آ اڄ.

تنهنجي! اکڙين ۾ عڪس منهنجو آ،
ڳوٺ ۾ ڳالهه هيءَ هُلي آ اڄ.

دؤر آدم ڪان ٻوٿيل هس پر،
اک انسان جي کُلي آ اڄ.

ڪيڏو تنهنجي بهار! آمد تي،
شبنمي خوش ڪلي، ڪلي آ اڄ.

هاڻ تنهنجو ڪڏهن نه ڪٽندي ناءُ
دلّ مخمور! مون پلي آ اڄ.

سونهن، سينگار ڪان مٿي آهي،
سنڌڙي يار ڪان مٿي آهي.

پورهيت جي پگهر جي خوشبو هر،
مند مهڪار ڪان مٿي آهي.

ذائقو پيار ۽ محبت جو،
شهد جي لار ڪان مٿي آهي.

پنهنجي نظرن ۾ عشق جو رتبو،
ساري سنسار ڪان مٿي آهي.

هن جي نظرن ۾ پيي دنيا وانگر،
پيسو هن پيار ڪان مٿي آهي.

منهنجو مخمور! هي قلم تنهنجي،
تير، تلوار ڪان مٿي آهي.



وقت ڪيڏو حسين هوندو هو،
اندلٽ جان رنگين هوندو هو.

تو ڪان پو هن پريي زماني ۾،
روح گوشہ نشين هوندو هو.

تن ئي خنجر هنيان پٺيءَ ۾ ها،
جن تي پختو يقين هوندو هو.

هن ڪي حاصل ڪرڻ جو هن من ۾،
عزم ڪيڏو متين هوندو هو.

تخت جنهن تي آ چَورُ اڄ ويٺو
تنهن تي اڳ ۾ امين هوندو هو.

اُت چرپٽ ڏٺا مون گهمندي اڄ،
فرد هر جت ذهين هوندو هو.

تي ويو ايترو ڇو ڏگهو وقت آ؟
آيو ڇا لئہ اسان تي ڏکيو وقت آ؟

پنهنجي دل جا ڪرڻ خوابَ سارا قتل،
ڪاٽُ هٿ ۾ ڪٽي ڏِسُ! پڳو وقت آ.

ديپ وانگي ٻريس پئي هوائن ۾ مان،
واءُ بڻجي اجهائي ويو وقت آ.

روز ڪيڏا پيو روح کي ڏنپ ڏي،
بي رحم ٿي پيو ڪيترو وقت آ.

ڏينهن سارو چندن ساڻ هُس ڪيڏندو،
ياد ايندو اجان پي اهو وقت آ.

ماءُ جي هنج ۾ پٽَ جو لاش آ،
۽ متان رت روئي رهيو وقت آ.

ايترو ٿا گهرون گڏ گهارڻ خدا!
ڏار گهاريو اسان جيترو وقت آ.

پنهنجي شعرن جي پڃري ۾ مخمور! مون
توسان گهاريل پرين! قيد ڪيو وقت آ.



ڪيتري تڪليف ڏين ارمان ٿا،
ٿي قتل جڏهين وڃن ارمان ٿا.

ٿي وڃي ٿي زندگي پوءِ غمزده،
جي نہ منزل تي رسن ارمان ٿا.

رات ڪان ڏسجان پڇي تو بعد ڙي!
ننڊ دل جا ڪين کن ارمان ٿا،

تنهنجي! هن اوسيئڙي جي آڳ ۾،
منهنجي نيڻ جا جلن ارمان ٿا.

هن جي چپڙن کي چمڻ جا روح ۾،
اڄ بہ ايڏا ڇو رهن ارمان ٿا؟

ويجهڙو منهنجي اچي ٿي هوءَ جڏهن،
مست ٿي جهومي پون ارمان ٿا.

تنهنجي هڪڙي جهلڪ ڏسندي ئي پرين!
ٿي سُڪا، ساوا وڃن ارمان ٿا.

ورقَ ماضيءَ جا ورائي دل پئي،
دردَ کي ننڊ مان جڳائي دل پئي.

ڪيتريون سپنن جون تصويرون سندر،
روز نيڻ ۾ سجائي دل پئي.

باز چاهت کان اچي ئي ڪانہ ٿي،
روز توڙي چوٽ کائي دل پئي.

هڪ تہ هي سوڙهيون ڳليون ۽ ڀيو وري،
حوصلو ڇو اڄ وڃائي دل پئي.؟

ڪنهن جي اکڙين جي قفس ۾ پاڻ کي،
ڇو؟ پکيءَ وانگي ڦسائي دل پئي.

تو پڇاڻان! مئي سوا ڇاڻي خدا،
هر قدم تي لڙڪڙائي دل پئي.

جيئن جتن لئہ ها سسئيءَ جهاڳيا جبل،
عشق ۾ ايئن ئي رلائي دل پئي.

توسوا مخمورَ! هيڪل سمنڊ تي،
شام دردن سان ملهائي دل پئي.



ڪنهن کي ڏيون هي وچي دانهن سنسار ۾،
ڪيئن گهايل ٿياسين اسين پيار ۾.

مشڪ، عنبر، ڪٿوريءَ کان آ ڪيتري،
منفرد تنهنجي خوشبو پرين!سار ۾.

ساهہ منهنجي ڪئي جيئن ئي الوداع،
ڳوٺ پئجي سڄو ويو هو، سڏڪار ۾.

هو لُٽي چونڪ تي لڄ هو ڪنهن جي رهيو،
۽ ٽڪيل نيڻ سڀ جا ها بدڪار ۾.

ذهن آزاد ناهن اڃان ٿي سگهيا،
۽ اڃان سنڌ ڌرتي آ آزار ۾.

هُنَ جي والا ڪنن ۾ ٿا جهومن ايئن،
ڇڻ لڏن سرخ ٿا گل حسين ٽار ۾.

آهي آسيس ڪيڏي تہ پرور رکي،
ماءُ جيجل جي مخمور! ديدار ۾.

الفتن جي پٽيان روح روليو گهٽو،
حسرتن جي پٽيان روح روليو گهٽو.

ڪنهن حسين رات ۾ هن سان گهارڻ لئه، چند،
ساعتن جي پٽيان روح روليو گهٽو.

جن جو ڪوئي نڪاٽو نه ۽ ٿاڪ هو،
پاڻ تن جي پٽيان روح روليو گهٽو.

جيڪي ملٽيون نه هون پاڻ ڪي پو به تن،
راحتن جي پٽيان روح روليو گهٽو.

چاڻ هئي هِنِ منافق تڏهن پي اسان،
دوستن جي پٽيان روح روليو گهٽو.



اسان جا خواب رولاڪو رلن ڇو پيا اجان تائين؟
مگن ڳولا ۾ وڪريل هي رهن ڇو پيا اجان تائين؟

ڪتي آهين، ڪتي آهين دلين جي رئيسياڻي تون!
اسان جا تو ڪي جذبا پُڏ سڏن ڇو پيا اجان تائين؟

ڪراڙي هوءَ به ٿي وئي آ، ڪراڙو مان به ٿي ويو هان،
مگر پئي جيءَ جهوريءَ ۾ جُهرن ڇو پيا اجان تائين.

جوانيءَ ۾ هئا ساجن رکيا جت، جت قدم سهٽا،
حسين اُتِ اُتِ گلابي گل ٽڙن ڇو پيا اجان تائين؟

ويا جاڪون اٿس پنڇي اڏي، تاڪون انهن لئه نيڻ،
سڪل هڪ لام جا تنگيل رهن ڇو پيا اجان تائين؟

ڪي ئي طوفان آيا ويا ۽ پنهنجو زور لائي ويا،
مگر هي ڏيئڙا ائين ئي ٻرن ڇو پيا اجان تائين؟

اڳي پٽ ويا هئا ظالم، ڪُهي جنهن جو امڙ تنهن کي،
سوين دورا بيهوشيءَ جا پون ڇو پيا اڄان تائين؟

الائي ڪيترا رهزن قسم سان پير مرشد ٿي
اياڻي قوم پنهنجي کي ٺڳن ڇو پيا اڄان تائين؟

نہ آ سرهاڻ ساڳي ۽ نہ آ سا تازگي گل ۾،
تڏهن پيي ڇو مٺن پونرا مڙن ڇو پيا اڄان تائين.؟

ننڍي هوندي پٽڻ ڏوڪا ڪجين تي هُس چڙهي ويندو،
اُهي لمحا اکين آڏو ڦرن ڇو پيا اڄان تائين؟



ڪين ڪجهہ پيي ڪڇڻ اسان چاٽيون،
مات ۾ ڏک سهڻ اسان چاٽيون.

پنهنجي پيارن کان دور ٿي ڪيڏو،
تلخ آهي جيئڻ اسان چاٽيون.

دوست، پيارن ۽ دل گهرين جي لئہ،
آڳ ۾ پيي پوڻ اسان چاٽيون.

ڪيڏو سپنن جي آ رليو رچ ۾،
هينئڙي جو هرڻ اسان چاٽيون.

پل هجن ڊينگهرن جا رستا پر،
منزلن تي رسڻ اسان چاٽيون.

سک، ساٿيهہ ۽ سچڻ خاطر،
سر ڏيڻ ۽ وٺڻ اسان چاٽيون.

سنڌ لئہ جا ڪري زبان بڪ، بڪ،
پاڙ کان سا وڍڻ اسان چاٽيون.

تنگ جيون جي ڳلي ڪيڏي هئي،
ساهہ کي تڪليف ٿي ڪيڏي هئي.

بس ۾ ويٺل اسان جي روح کي،
وئي وٺي ڪا پدمڻي ڪيڏي هئي.

هن جو نيڻن تان مِٽائڻ لاءِ عڪس،
جستجو ڪرڻي پئي ڪيڏي هئي.

سمنڊ تي مون ڪالهہ ڪا ناري ڏٺي،
مون جيان سا هيڪلي ڪيڏي هئي.

روز هئي درياهہ ٽپندي محب لئہ،
سهڻي واقعي ٻي پئي ڪيڏي هئي.

پيءُ سا هٿ سان ڪٿي ڪاري ڪري،
ڌيءُ جا ان کي مٺي ڪيڏي هئي.

بخشرائي مالڪن قرآن کي،
ڪئي ستيءَ سان زيادتي ڪيڏي هئي.

ڏينگهرن تي زندگي گهارڻ رضا!
آئون ڄاڻيان ٿو ڏکي ڪيڏي هئي.



ٿيا ڪڏهن ڪم نہ حوصلا پرور!
سخت توڙي جو پنڌ ها پرور!

زندگيءَ جي سفر ۾ وک وک تي،
منتظر حادثا هئا پرور!

مان اڏامڻ جڏهن بہ چاهيو آ،
وقت هن پَرَ ڪٽي ڇڏيا پرور!

لاش جوڌن جا روز ڍوئيندي،
ٿڪجي آهن ڪلها پيا پرور!

مان بہ تو کان رهيس رٺل هر پل،
تون بہ مون کان هئين خفا پرور!

ڏوهہ مخمور جو نہ هو ايڏو،
جيڏي تو هس ڏني سزا پرور!

چاهه مان مرڪي نهاري پدمڻي،
خوابَ مرده وئي جياري پدمڻي.

پلوڙي تان حسن جا خنجر تکا،
وئي اسان کي ڪا اُلاري پدمڻي.

ديد جي ماڻن سان منهنجي ديد جا،
هوش وئي پل ۾ اڏاري پدمڻي.

وقت جي ايذاءَ هس دل کي ڏنا،
وئي اُهي روئي گذاري پدمڻي.

ياد ڪنهن جيءَ جي حسين ساگر اندر
پاڻ ٿي ٻوڙي ۽ تاري پدمڻي.

خودڪشيءَ جي ويجهڙو پهتي وڃي،
زندگانيءَ کي ڏکاري پدمڻي.

هوءَ پيسن جي گرم آويءَ اندر،
لڇ ڇڏي پنهنجي ٿي ٻاري پدمڻي.

ٿي وڃي ”مخمور“ ٿو ماحول هي،
زلف ٿي جنهن پل سنواري پدمڻي.



وقت سان مُنهن ڏيڻ ڏکيو آهي،
حادثن ۾ جيئڻ ڏکيو آهي.

توکان! پرتي سگهان ٿو جي ليڪن،
دور سنڌ کان رهڻ ڏکيو آهي.

تنهنجي آيل! دعا سوا منهنجو،
منزلن تي رسڻ ڏکيو آهي.

سخت پٿر جيان بڻي جا دل،
ميڻ تنهن جو ٿيڻ ڏکيو آهي.

لونءَ ڪاندارجي پڙهي جنهن کي،
شعر اهڙو لکڻ ڏکيو آهي.

چُپ ڪري ويهه او چڪور! چريا،
تنهنجو چنڊ تي پڄڻ ڏکيو آهي.

خوابَ مخمور! خوابَ ئي رهندا،
پورو تِنِ جو ٿيڻ ڏکيو آهي.

باغ، خوشبو، هوا ڪويتا آ،
پنهنجي من جي غذا ڪويتا آ.

پوپٽن، گلَ، پکين ۾ هر رُت ڪان،
خوبصورت خدا! ڪويتا آ.

ڪنهن سان گهاريل حسين لمحن جي،
ياد جِي ڪا فضا ڪويتا آ.

موهي من کي ڇڏي ٿي پل ۾، ڇڻ،
سانوريءَ جي ادا ڪويتا آ.

پيار وارن دلين جي ڇپڙن جي،
ڪا پوتر دعا ڪويتا آ.

بي زبانن، غريب مظلومن،
جي اندر جي صدا ڪويتا آ.

ڊرتين منجهه منهنجي لئه مولا!
چانورا چانورا ڪويتا آ.

مونکي مخمور چئي پئي ڏيندي،
هر قدم حوصلا ڪويتا آ.



خار يادن جا من ۾ چُڀن ٿا پيا،
لڙڪ دل جي اکين مان وهن ٿا پيا.

تو! پڇاڻان پرين گهر جي پاتين جيان،
ويجهڙا درد منهنجي رهن ٿا پيا.

او پرين! هن وڇوڙي جي درياهه ۾،
خوابَ دل جا سمورا ٻڏن ٿا پيا.

ڪيو عطا نور نيڻن کي جن هو، ڪيون،
سي ٿي نابين مون کي وڃن ٿا پيا.

مان اجان هارَ جي سوڳ ۾ هان خدا!
هو ڪٽڻ جو اجان ڪن جشن ٿا پيا.

پنهنجي محبت پوتر مٿان شخص هي،
ڪيڏا الزام گندا هڻن ٿا پيا.

ڪيڏا مخمور کي اوپرا اوپرا،
اڄ پاڇا بہ پنهنجا لڳن ٿا پيا.

چنڊ ۾ آسمان روئي ٿو،
ڇو خدايا! جهان روئي ٿو؟

پير خالي جتيءَ کان، تن ميرو،
ٻارُ ڳوليندي نانُ روئي ٿو.

نوڪريءَ جي ڏُکي، ڏُکي پويان،
ديس جو هر جوان روئي ٿو.

غفلتن ۾ ڪري سڄي پنهنجي،
ڪو حياتي ذيان روئي ٿو.

ڪنهن جو پيلي پڪل فصل سارو،
هاڻي ڇا لاءِ سانُ روئي ٿو؟

پنهنجا مخمور! ساري وارث اڄ،
خالي خالي مڪان روئي ٿو.



هر گهڙي هوءَ ياڪر ۾ رهندي هئي،
اُپ جيڏو پري پو بہ لڳندي هئي.

دل جي ڪونديءَ ۾ گلڙا ها پوندا ٽڙي،
ديد منهنجي جڏهن هن کي چمندي هئي.

اڄ بہ خوابن ۾ مون کي ستائي پئي،
هو جا ڪاليج ۾ مونسان پڙهندي هئي.

تنگ ٿي نيٺ آخر اُجهائي ڇڏيم،
تنهنجي يادن جي ڏُونهين جا ڌڪندي هئي.

سورَ ان پل جنم ڪيڏا وٺندا هئا،
ماءُ بابت جڏهن ڏيءُ پڇندي هئي.

مينڌرا! تو رٺي بعد ڄاڻي خدا!
ڪاڪ سان گڏ هي مومل بہ روئندي هئي.

اڄ قفس ۾ هڻي پئي ٿي ڦٿڪا اُها،
اپ تي جا اڳي ڪونج اڏندي هئي.

شال ”مخمور“! ماڻين حياتي وڏي،
هوءَ ميسيج ۾ ايئن لکندي هئي.

زلف ڇوڙيا سڪيءَ ٻڳها دلڪش،
رنگ ٿي رات جا ويا دلڪش.

ٽهڪَ جيئن تو پرين! ڏنا ٿي وئي،
رُت رنگين ۾ فضا دلڪش.

هن ڪي اڄ مينهن ۾ ڏسي پڇندو،
پيا پون دل تي اولڙا دلڪش.

تنهنجي هنج ۾ امان! گذاريا جي،
ڇا تہ لمحا اُهي هئا دلڪش.

تو! زهر جا ڏنا ڪٽورا جي،
مونکي امرت جيان لڳا دلڪش.

خوابَ جيڏا حسين هئا، ايڏي،
ساپيان ڪونہ هئي رضا! دلڪش.



منهنجي نيڻن ۾ اڄ ڇهڇٽو آ سڪي!
خوابَ سندر جنم ڪنهن وتو آ سڪي!

دل جي مهڪي پئي هر ڳلي، دل ۾ جيئن،
عشق پنهنجو رکيو پيرڙو آ سڪي!

لڙڪڙائڻ لڳي آ سڄي ڪائنات،
زلف آلن ڪي تو جيئن ڇنڊيو آ سڪي!

سنڌ ڌرتيءَ ۾ تنهنجي محبت مان من،
ٿي نہ واندو ڪڏهن پيو سگهيو آ سڪي!

واءُ ۾ جيترو ڪو ٻري ڏيئڙو،
منهنجو توٻن سفر ايترو آ سڪي!

ايترو جلد ئي دل تان چاهت جو نقش،
تو! مٽائي ڇڏيو معجزو آ سڪي!

لڙڪَ ڪِولين جان نيڻن مان نڪري پيا،
تنهنجو رستي تي گهر جيئن ڏٺو آ سڪي!

تنهنجو فوٽو لڳايو ڇا ديوار تي،
ڪمرو مخمورُ بڻجي ويو آ سڪي!

عشق جي رنگ ۾ رنگيل آهي،
روح اڄ رقص ۾ رڌل آهي.

خوبصورت بلا! هتي تنهنجو،
آدمي آدمي ڏنگيل آهي.

ڪنهن تہ جيجل جي تارُ نيڻن جو،
گند جي ڍير تي ستل آهي.

ساٿ تون ڀي ڇڏيون وڃين ٿو ۽،
همسفر! پنڌ ڀي ڳپل آهي.

بي رحم وقت منهنجي جيون جو،
خواب هر هڪ ڪيو قتل آهي.

تون ڳڙو ٿو خدا! وسائين ۽،
فصل ڀي ڪٽڪ جو پڪل آهي.

جو نہ ٿو پاند ماٺهپي جو ڇڏي،
زندگيءَ ۾ اهو سقل آهي.

هن جو مخمور! اهڙو جوڀن آ،
انب جهولي جو ڄڻ رسيل آهي.



ضبط جو بند ٽٽي پيو آهي،
آب اکڙين وهي پيو آهي.

هو ڇا آهي رنو لڳي ٿو ائين،
ڄڻ خدا ڀي رسي پيو آهي.

مدتن کان سمونڊ کي ڳولهي،
روح پياسو ٿڪي پيو آهي.

ڪون آيس ڪو، نيٺ آڏيءَ هو،
در ورائي سمهي پيو آهي.

مينهن جي گپ تي ڪنهن جو ترڪي ڪو،
ٻارُ ننڍڙو ڪِري پيو آهي.

لاش ڇچريل ڏسي جوانن جا،
جيءُ سنڌ جو جُهري پيو آهي.

گهر ۾ هڪڙو ئي آ ڪمائيندڙ،
سو بہ بيمارُ ٿي پيو آهي.

هيلَ ۾ پي دل ڏڪائي ڊسمبر! وئين،
فاصلن کي وڌائي ڊسمبر! وئين.

جاڳ چنتا ۾ الڪن جا انبار ڏئي،
ننڊ دل جي ڦٽائي ڊسمبر! وئين.

تون اپاڳن هوائن سان ڇو آس جا؟
ڏيئڙا هي اجهائي ڊسمبر! وئين،

تون هميشه جيان هن دفعي پڻ بُريون،
ڪوڙ خبرون ٻڌائي ڊسمبر! وئين.

لڙڪ ڪوسا اسان جي اکين کي ڏئي،
سرد خوشيون ٻڻائي ڊسمبر! وئين.

ڏنپ مخمور کي هيل پڻ کي ڏئي،
جيئڙي کي جلائي ڊسمبر! وئين.



جيئن اونداهه ٿي، ٿي ٻرن ٿا بلب،
گهر گهٽين ۾ نظر پو اچن ٿا بلب.

دل جي ڪنڊر حواليءَ ۾ تنهنجي پرين!
سار جا پيا سدائين ٻرن ٿا بلب.

چورَ چوري ڪرڻ ۾ ته مصروف هن،
ڳوٺ جا پر انهن کي ڏسن ٿا بلب.

منهنجي محبوب جي ڇهري سان ڪيترا،
هوبهو پارَ تنهنجا ملن ٿا بلب!

محفلن، پارٽن، شادين هال ۾،
سونهن خاطر لڳايا وڃن ٿا بلب.

زندگيءَ ۾ ٿي ڪيڏي ٿي اونده وڃي،
ٻروسي جا اگر جي اجهن ٿا بلب.

اسانجي ٽڪر ۾ ڳپيا زندگي آ،
رڳو حادثا حادثا زندگي آ.

لڳو عشق جو مرض هو جو ازل کان،
انهيءَ ۾ اجان مبتلا زندگي آ.

وڏو ڪو ته درياهه ناهي حياتي،
فقط دوست! ٻٽڙي ڦڙا زندگي آ.

سفر چونه ٿو هي ڪٿڻ جي ڪري ڪا،
ٿڪي ڪيترو پئي خدا زندگي آ.

جڏهن کان ڇڏيو ساٿ سانول اسان جو،
تڏهن کان اسان کان خفا زندگي آ.

پئي روز صحرا اندر سمنڊ ڳولهي.
پياسي نه ڪيڏي رضا! زندگي آ.



هينئڙي ۾ ڪير هي آيو هو؟
جنهن لونءَ لونءَ کي مهڪايو هو.

تو کي! معلوم نه آ ڪيڏو،
تو کان پو ڇانو جلايو هو.

قسمت جو ڏوهه نه هو ڪوئي،
دشمن پنهنجو ئي سايو هو.

چاهت جو جهوپو ڍاهي ويو،
ڇوهو نفرت جو آيو هو.

ڇَندُ خوشين جي بعد عمر پر،
دردن سان جيءُ بهلايو هو.

ڇير پڏائي مجبوريءَ جي،
هن کي حالات نچايو هو.

ڪنهن سرخ چپن جي ڪاري تر،
من کي مخمور بڻايو هو.

دل جي رڃ ۾ رلن پيا سپنا،
پياسا پياسا لڳن پيا سپنا.

ساڀيائن جا چپ چمڻ جي لئہ،
مدتن کان سکن پيا سپنا.

کو حقيقت جو ويس اوڍڻ لئہ،
خواب ڪيڏا ڏسن پيا سپنا.

جاکون آهيون جدا ٿيا، تاکون!
اجنبي سڀ لڳن پيا سپنا.

نرتڪي! ايئن نہ ڇير ڪي ڇمڪاءِ،
منهنجا ننڊ مان اٿن پيا سپنا.

تو پڄاڻان پرين! رکيون مون ڪي،
جيئرو هي اچن پيا سپنا.



هر قدم تي ٿو ٿاپڙان،
پو بہ پنڌ کان نہ ٿو مڙان.

پنهنجي تهذيب کان مٿي،
جان ڪيئن ٿو ڪري سگهان؟

امن موتي وري اچي،
ٿو دعا هر گهڙي گهران.

آئون يوسف نہ هان، هي دل،
جو حسن کان پلي سگهان.

ڪنهن پراٽي قلعي جيان،
هوريان هوريان پيو ڍهان.

سال مخمور لئہ نئون،
درد آيو ڪٽي نوان.

حسن جي شهر ۾ سڀ ڪجهه لُٽائي پاڻ آياسين،
هٿن سان خواب جيون جا جلائي پاڻ آياسين.

هئا گهر ڪان ڪٽي جيون جي جا تصوير نڪتاسين،
الائي؟ راهه ۾ ڪٿ سا وڃائي پاڻ آياسين.

نه ٻجهندي سمنڊ اوتڻ سان به جا هئي پياس جوڀن جي،
اُها اڄ پياس قطري سان ٻجهائي پاڻ آياسين.

سچا ڌرتيءَ سان ڪيڏا هون وڃي مقتل ۾ ئي ڏسجو!
گواهي خون ڏيندو جو وهائي پاڻ آياسين.

اسان شعرن بدولت ئي فقط شعرن بدولت ئي
ستل ها قوم جا جذبا جڳائي پاڻ آياسين.



گهاءُ اندر جا گهرا آهن،
پو به چپن تي سهرا آهن.

جيڏا ڏونگر يار! ڏسو ٿا،
ڏک پيي ٿيندا ايڏا آهن.

پيار محبت ۽ چو سچ جا؟
ٻينگهر ٻينگهر رستا آهن.

ڌرتيءَ تي ٿيندو ظلم ڏسي،
اڀ جي اک ۾ ڳوڙها آهن.

آئينن جي وستيءَ ۾ هي،
پٿر ڪاٿان آيا آهن.؟

لونءَ لونءَ ۾ "مخمور" جي اڄ پيي،
ساجن! تنهنجا ديرا آهن.

بي وڙن سان منهنجو ڪو رشتو نہ آ،
بزدلن سان منهنجو ڪو رشتو نہ آ.

پيار آهي پاپ جن جي ديد ۾،
يار! تن سان منهنجو ڪو رشتو نہ آ.

آ قسم امڙين جي خالي هنج جو،
قاتلن سان منهنجو ڪو رشتو نہ آ.

جي وجن ٿي ڪونہ ٿا اسڪول تن،
ٽيچرن سان منهنجو ڪو رشتو نہ آ.!

او پٿائي! پونءَ تنهنجيءَ جي سپن،
دشمنن سان منهنجو ڪو رشتو نہ آ.

موهہ سان ڀٿيهہ دليون آهن مگر،
نفرتن سان منهنجو ڪو رشتو نہ آ.!

منهنجا خارن ساڻ هن رشتا گهڻا،
پر گلن سان منهنجو ڪو رشتو نہ آ.!



دل منافق اگر رکان هان مان،
پو سپن ڪي گهٽو وٺان هان مان.

مونکي پي اڄ هجن هان بنگلا جي،
نفس وڪڻي اگر ڇڏيان هان مان.

گهائي سينو وجن نہ هان گوليون،
سچ ڪان جي اگر مڙان هان مان.

مونکي ڪوئي نہ هان، سڃاڻي اڄ،
شاعريءَ سان نہ جي ملان هان مان.

ڪو اٿاري نہ هان، ڪلن هان سڀ،
راهہ ۾ جي اگر ڪِران هان مان،

تنهنجو ٿورو بہ جي هجي هان ڏپ،
ڏوهہ ايڏا خدا! نہ ڪيان هان مان.

ٿي نہ هان پيٽ ۾ جي منهنجو موت،
رنگ دنيا جا سڀ ڏسان هان مان.

اڄ الئي ڇا هجان هان مان مخمور!،
تنهنجي ويجهو اگر رهان هان مان.

کيئن ڏسيان؟ ڪيترو، رات هو دير سان،
درد دل پوڳيو رات هو دير سان.

جسم کي هيڪلو بستري تي ڇڏي،
روح ڪاڏي ويو رات هو دير سان؟

هن کي شاديءَ جو تحفو ڏيڻ لئه، چري،
دل غزل هڪ لکيو راتِ هو دير سان.

ياد ناجائزيون وقت جون سڀ ڪري،
پيرسن ڪو رنو رات هو دير سان.

ڳالهه ان جو لڪُڻ آهي مومل! گواهه،
آيو هِتِ مينڌرو رات هو دير سان.

زال جي چوڻ تي پيءُ کي پٽ گهران،
ڏئي ڌڪا کي ڪڍيو رات هو دير سان.

دور آيو نه "مخمور" ڪان ٿي جيئڻ،
نيٺ دم مون ڏنو رات هو دير سان.



زندگي ڇا هي ڪو ته سمجهائي؟
هيءَ اولجهن اسان جي سلجهائي.

گندي پاڻيءَ جي گٽر ۾ جاول،
پار ڇو آ ويو ڪو اڇلائي؟

ظلم مظلوم سان آ ٿيو ڏاڍو،
روڊ تي خون پيل ٿو ڳالهائي.

تنهنجي يادن جي اڄ پيي سمبارا،
ڇير من ۾ پئي ٿي ڇمڪائي.

مرض اُتري وڃن هان منهنجا سڀ،
صرف سيني سان هوءَ هان لائي.

ڪوششون ڪيتريون ڪيون تو بعد!
پر سگهيس من ڪٿي نه بهلائي.

پنهنجي "مخمور"! دل جي سپنن جا،
لاش ٽڪجي پيو هان دفنائي.

پيار وارا پيچرا ڪاڏي ويا؟
رنگ دنيا مان خدا! ڪاڏي ويا؟

ڪاڪ پنهنجي منهن سان آ پٽڪي رهي،
موملون ۾ مينڌرا ڪاڏي ويا؟

دل جي زخمن جي هو مرهم پاڻ سان،
گڏ ڪٽي جانيئڙا ڪاڏي ويا؟

وچ ساگر ۾ اتاري ٻيڙيون،
رب ڄاڻي ناخدا ڪاڏي ويا؟

دل ۾ يادن جا ڇڏي آهيرڙا،
سانورا سي ٻربلا ڪاڏي ويا؟

مونکي اونده جي ڇڏي ڪمري اندر،
دوست هاجي ڏيئڙا ڪاڏي ويا؟



ادا مخمورُ هر هن جي پلائڻ آءُ چاهيان ٿو،
سفر هن عشق جو اِت ئي ڪٽائڻ آءُ چاهيان ٿو.

پوين! جي ٿورڙو ترسي تہ تو کي پنهنجي اڄ سارا،
سبب جيون جي اجڙڻ جا ٻڌائڻ آءُ چاهيان ٿو.

زمانو رنڊڪون ايڏيون ڪري ڇا لاءِ پيدا ٿو؟
جڏهن پيي وک ڪا اڳتي وڌائڻ آءُ چاهيان ٿو.

اڙي او موت! مون کي اڄ نہ وچ خود سان وٺي، ڇو جو؟
پرينءَ سان انتها تائين نڀائڻ آءُ چاهيان ٿو.

نہ مونکي چنڊ گهرجي ۽ نہ ئي گهرجن ڪتيون، تارا،
مگر هن جي اکين ۾ گهر ٺاهڻ آءُ چاهيان ٿو.

جڳن کان منهنجي لونءَ لونءَ ۾ ٻرن ٿا پيا جي سپنن جا،
اُهي مخمور! فانوسا اجهائڻ آءُ چاهيان ٿو.

مـن جـي مـورتـي جـي تـتـنـدي آ،
ڇانو پيي، اُس تتل پو لڳندي آ.

توکان پو دل جي باغ ۾ ساجن!
کا بہ حسرت کلي نہ ٽڙندي آ.

منهنجي قسمت پيي دوستن وانگر،
ويرَ مون لاءِ من ۾ رکندي آ.

پلوڙي ۾ کري سکي گرکو،
راهہ کنهن جي الائي؟ ڏسندي آ.

هوءَ اڄ پيي سفيد جوڙي ۾،
گل رابيل جهڙي لڳندي آ.

مان تہ هوندو ستل هان بستر تي،
سوچ منهنجي مگر پئي رُلندي آ.



ياد ايندي آ پنهنجي آزادي
کونج اپ تي جڏهن کا اڏندي آ،

چهرو پيءُ جو لهي آ ڇو ويندو؟
ڏيءُ ان کي اگر جي چمندي آ.

جيءُ جرکي آ پنهنجو پوندو جي،
هٿ منهن تي ڏئي هو کلندي آ.

رات ”مخمور“ آهي ٿي ويندي،
وار کولي جڏهن هو سمهندي آ.

خواب آهن دربدر،
ڪين ناهي ڪو بہ گھر،

منزليون وسري ويون،
دور ٿيو جيئن همسفر،

هڪ ماڻھونءَ جي پٺيان،
ٿي پُسيو ويو آ شھر،

رات ڪيڏي رات پيي،
چنڊ لئہ هئي منتظر.

هينئڙي ڪي پيو ڏنگي،
وقت بڻجي ڪو ڪپر.

هڪ جهڙا هون سيئي،
ڪو بہ ناهي معتبر.

ديد تنهنجي جي مٿان،
آ سڄو "مخمور" تر.



ٻوهُہ ڀاهڻ لاءِ اڳتي پيرُ ڪر!
اُٿ! ثابت پاڻ ڪي دليرُ ڪر.

رَت پنهنجيءَ ساڻ ٻاري ڏيئڙا،
دور هي گِھرو هتان انڌيرُ ڪر!

سنڌ تي هن جن رکيون نظرون پليد،
دشمنن تن جا لُٽي سر ڍيرُ ڪر!

جن ڪي ڪو ايذاءُ ناهي ديس جو،
تن سان ناتا ٽوڙ، تن کي غيرُ ڪر!

جو ازل کان تنهنجي آهي ذهن ۾،
صاف اي انسان سو اڄ ميرُ ڪر!

چوطرف دشمن ويا گهيري اٿس،
منهنجي سنڌڙيءَ جو خدايا! خيرُ ڪر.

پيچرو هوءَ مٽڻ پئي چاهي،
مونکي جيئري لٽڻ پئي چاهي.

تلخ لهجي جي هوءَ ڪينچيءَ سان،
تند سڪ جي ڪٽڻ پئي چاهي.

پيار جي ڪيت ۾ چو نفرت جو؟
ٻج دنيا ڇٽڻ پئي چاهي.

جي ڪڙيون ئي نہ هن اجان مڪڙيون،
سي چو دنيا پٽڻ پئي چاهي.

سادگي هن جي باز جان منهنجي،
هينئڙي کي جهٽڻ پئي چاهي.

منهنجي ”مخمور“! خوش حياتيءَ کي،
درد جي ول وٽڻ پئي چاهي.



پيو ٿو سانڍيون اڃان يڪي تنهنجا!
خواب تحفا ڏنل سکي! تنهنجا،

ننڊ منهنجي کي هن ستائيندا،
خيالَ اڄ ٻيي پرين! اڇي تنهنجا،

معاف مونکي ڪجان او پياري دل!
گهاءُ سگهيس نہ جو سبي تنهنجا،

عشق رڻ ٿي وڏو رُلي، ان ۾،
پير پوندئي چريا! ٿڪي تنهنجا.

توکي هيڪل ڇڏي ويا آهن،
ڪاڏي مالڪ او جهوپڙي! تنهنجا.؟

پار ڪهڙي الئہ پنهون! مونکان،؟
دور توکي ويا وٺي تنهنجا.

روح مخمور ٿي ويو منهنجو،
نيڻ ”مخمور“ هي ڏسي تنهنجا!

عمر ۾ سپنن جا آلا نيڻ ها،
ڪنهن نہ ڄاتو من جا آلا نيڻ ها.

حسرتن جي باغ اجڙڻ بعد، هن،
هر گهڙي جيون جا آلا نيڻ ها.

حالَ منهنجي تي ها دشمن ڀي رُنا،
پر نہ ٿيا پنهنجن جا آلا نيڻ ها.

منهنجو راهن منجهہ ٽڪجڻ جو ٻُڌي،
ٿي ويا ماڳن جا آلا نيڻ ها.

تنهنجي او سهڻي! ٻڌڻ جي سوڳ ۾،
جهومندڙ لهرن جا آلا نيڻ ها،

او خزان! آمد تي تنهنجي ٿي ويا،
سبز ڇو پن پن جا آلا نيڻ ها؟

لڄ ڪنهن جي رات ڏسندي لٽجندي،
ٿيا نہ ڇو تارن جا آلا نيڻ ها.؟

پنهنجي آهيري ۾ ڪاريهر ڏسي،
ٿي ويا پنڇن جا آلا نيڻ ها.

تو ڪان پو مون جي لکيا مخمور تن،
مون جيان شعرن جا آلا نيڻ ها.



منهنجي لئہ، تنهنجي! اکين ۾ پيار هو،
ها تڏهن وٽندو سڄو سنسار هو.

منهنجي جيون کي رهيو جڪڙيل خدا!
حسرتن جو زندگي ۾ ڄار هو.

هوءَ آئي ڀي تڏهن موٽي جڏهن،
ڪو مٽي ۾ ڪونہ ڪارو وار هو.

ڪنهن نرالي ۽ حسين گل جو رهيو،
عمر ۾ هينئڙي اندر هڳار هو.

عشق جو توڙي اڙانگو هو سفر،
پر نہ ٿيو هي من ڪڏهن بيزار هو.

چيز هر هن کي ڪئي پرور عطا،
پر نہ ڪيو هن کي عطا ڪو ٻار هو.

تـي وڇـوڙا ويـا مـلـڻ کـان اڳ،
نـيـڻ نـم ٿـي ويـا کـلـڻ کـان اڳ.

سـار سـانـول جـي اڄ پـي پـهـتـي آ،
اڀ تـي چـنـڊ جـي ڪـڙڻ کـان اڳ.

مـنـهـنـجـي اجـڙي وئـي خـدا ڄـاڻـي،
زنـدگـانـي سـقـل ٿـيـڻ کـان اڳ.

روح تـڪـلـيـف ۾ نـہ هـو ايـڏو،
عشـق جـي ويـجـهـڙو اچـڻ کـان اڳ.

دل ڳـهـيـلـيءَ جـا هـن قـتـل ٿـي ويـا،
خوابَ سـارا حسـيـن جـمـڻ کـان اڳ.

آ هلي، ملڪ منهنجي لونءَ لونءَ جي،
گُهَـنـجَ چـهـري مـٿـان پـوڻ کـان اڳ.

اڄ بـہ پـنـهـنـجـي ئـي پـونءَ ۾ آهـي،
مـور مـاريـو ويـو ٽـلـڻ کـان اڳ.

منهنجو ”مخمور“ ڪونہ هو هينئڙو،
لـب نـازڪ، نـرم چـمـڻ کـان اڳ.



هـر پـهـر ۾ هـر قـدم تـي ڪـيـتـرا،
عشـق ارپـيـنـدو رهـيـو آ حـوصـلا.

منهنجي اونداهيءَ حياتي ۾ اچي،
ڏات چمني ٿي ڪيا هن سوجهرا.

منهنجي لونءَ لونءَ ۾ ٽڪي آهي پئي،
لاڙڪـاڻـي شـهـر جـا ڪـا اپـسـرا.

ڪيترو عرصو اسان سانڍي رکيا،
انڌلـٺ جهـڙا اکـيـن ۾ خـواب هـا،

هڪ ٻئي کان ها لڳا زياده ڏکيا،
زنـدگـانـيءَ جـا سـمـورا مـرحـلا.

ايـتـرا دل ۾ اسـان جـي درد هـن،
اڀ ۾ تـارا ڏسـو ٿـا جـيـتـرا.!

هڪ ڪـاٽـي ئـي نـہ آ ”مـخـمـور“ ۾،
ٻـي مـٿـان آ مـنـتـظـر بـيـٺـي سـزا.

نگاهن ۾ لڪائين هان!
امر مون کي بڻائين هان!

پين کي ڏين نہ هان، ڏک آ،
خنجر خود ئي هلائين هان!

رڪاوٽ دڳ جي هُس تنهنجي!
تہ تون بي شڪ هٽائين هان.

هجين هان جي سڄڻ اي دل!
تہ چو ايڏو رلائين هان.؟

اچين! هان خون ۾ رنڱجي،
نہ سر ليڪن جهڪائين هان.

اکيون مخمورَ! هجنين هان،
تہ دوکا ڪونہ ڪائين هان.



ننڊ جو ڏس نہ ڪو پتو آهي،
تلخ جاڪون هي وقت ٿيو آهي.

ڏک جا روز ٿو سهي ڏونگر،
يا خدا! آدمي پڪو آهي.

ساٿ اڌراهہ ۾ ڇڏي، دوکو،
جسم سان ساهہ ڪيو وڏو آهي.

منهنجي لئہ آ ڏکيو ٻڌائڻ هي،
عشق هن ساڻ ڪيترو آهي.

روح جي ڳوٺ ۾ پرين! اچ پي،
عشق تنهنجي جو جهوپڙو آهي.

ڏوهہ سارو خدا! نگاهن جو،
دل معصوم پوڳيو آهي.

سڀ سهٽا ۽ سيبتا آهن،
بس ”مخمور“ ئي ڪسو آهي.

ڪلهہ بہ مخمور هيڪلو هو ۽،
اچ بہ مخمورُ هيڪلو آهي.

آس جي مکڙي نہ آ مھڪندي،
دور تو کان! ٿي نہ آ دل مرڪندي.

ڪيس مون پاران وڃي ھي ڪير چئي؟
تيز تو لئہ دل اڃان آ ڌڙڪندي،

تو! لڳائي جا اڪين سان مرڪندي،
باھہ لونءَ لونءَ ۾ اڃان آ ڀڙڪندي

اڄ اُھا ڏسجي ٻُسي ٿي ڪيتري
گج وانگر ڪالھہ ھئي جا ٻھڪندي،

خوابَ ساپيائن جي لئہ ايئن ٿا لڇن،
جيئن مڇي جر کان سوا آ ڦٿڪندي،

سچ ڪي منزل ڪان روڪڻ لاءِ ھيءَ،
ڪيستائين سازشون دنيا ڪندي.؟

ھوءَ نہ ايندي ھاڻ جيون ۾ وري،
ءِ نہ ئي قسمت اسان جي چمڪندي.



پوتر نيڻ ٻئي تنھنجا! چمڻ لئہ من اُبھرو آ،
گھڙي ڪن مست ۽ مخمور ٿيڻ لئہ من اُبھرو آ.

اُبھري عشق ۾ ميھار جي سھڻي ھئي جيڏي،
انھيءَ ڪان پيي اسان جو وڌ سڄڻ لئہ من اُبھرو آ.

جڏھن ڪان ڳوٺ جانان لئہ چڙھيو آھيان مان لاريءَ ۾،
تڏھن ڪان ڪيترو ھن سان ملڻ لئہ من اُبھرو آ.

ڳڙي تنھنجي! رھيا آھن اکين مان جي مٽين جھڙا،
اُھي رخسار تان ڳوڙھا اگھڻ لئہ من اُبھرو آ.

لڪايون جنھن ۾ ويٺي آ حسين چھرو، اھو وَرَجو،
پري دلھن جو سوگو نگھٹ ڪرڻ لئہ من اُبھرو آ.

اسان جي پيار جي نازڪ ڳلي کي ايترو مولا!
زماني بي رحم جو ڇو گهٽڻ لئہ من اُڀرو آ؟

اتاري بنديائيءَ کان زنجيرون ڪر رِها بند مان،
عمر! مارن ڏي مارئي جو وڃڻ لئہ من اُڀرو آ.

جڏهن کان ديد ۾ هن جي ڏٺي نفرت آ پنهنجي لئہ،
تڏهن کان پاڻ کي ڦاهي ڏيڻ لئہ من اُڀرو آ.

شماعن جا ٽڪاٽا جو پڇائيندو وتي ٿو پيو،
پتنگڙي جو لڳي ٿو اڄ جلڻ لئہ من اُڀرو آ.

نہ هتندو پير ڪو پُٺِ تي، قتل جلاد! ڪر پلجان،
اسان جو سنڌ ڌرتيءَ تان ڪسڻ لئہ من اُڀرو آ.



گلَ پتيون روز ٿيندي ڏسون ٿا اسان،
حيف آ، مات پو يي رهون ٿا اسان.

مورَ جي ڪو پڇي جا ڪري ويو ڳيا،
روز اخبار ۾ هي پڙهون ٿا اسان،

وقت ٿوڙي چڏي ٿو ڪا نوڪر هٽي،
جيئڻءَ ئي او خدايا! جڙون ٿا اسان.

ڪونہ ڪوئي ڪپر ٿو ڪٽي ڪَرُ اتي،
وک پنهنجي جتي يي رکون ٿا اسان.

حقَ ان کان سمورا اڏڻ جا ڪسي،
ڪونج کي قيد ڇا لئہ ڪيون ٿا اسان.

ڪو بہ دل تي رکي هٿ ٻڌائي اهو!
هي بہ جيئڻ آ، جيڪو جيئون ٿا اسان.

ڏات جو آ سهارو اڙي دوستو!
مستين ۾ تڏهن ئي ڪُڏون ٿا اسان.

پاڻ کي تو کان پويان! اجڙيل صفا
ڪوتڏيجي قلعي جان لڳون ٿا اسان

زندگيءَ جي شهر مان اچي ويس ۾
اڻ ڏٺي پار ڏي اڄ وڃون ٿا اسان.

يـاد جـو كـو گـيـت ڳـائـي روح ٿـو،
ٽـوٽ اکـڙيـن کـي پِـڄـائـي روح ٿـو.

روز ڪـنهن ساروٽـيـن جـي شـهـر ۾،
رات جـو خـود کـي رلائـي روح ٿـو.

پـيـڇـرا ٽـانڊن جـا آهـن عشـق جـا،
ڄـاڻ هـونـدي وک وڌائـي روح ٿـو.

هن جي اڄ سيني تي هان توڙي ستل،
ڇو نـہ پو ٻيي مسـڪـرائـي روح ٿو؟

هوءَ اٿـي آ وڃـڻ لئـہ، ايـئـن ٿـو لڳـي،
جسـم کـان ڇـڄ موڪـلائـي روح ٿـو.

ماءُ پاليـنـدي آ جيـئـن پـنهـنجـا ٻـچا،
درد تـنهـنجـا تيـئـن نـپـائـي روح ٿـو.

ڪنهن حسين ”مخمور“ خيالن ۾ پيو،
هـر گـهـڙي ويـنـو لـيـائـي روح ٿـو.



گـل مـكـڙيـن، پـوپـٽـن جـهـڙا هـئـا،
خـوابَ نـيـٽـن جـا چـمـن جـهـڙا هـئـا.

ڪنهن پڇو ڪيڏا مٺا تو کي ها هو،
مـون ڇـيـو مـنـڙا وطـن جـهـڙا هـئـا.

جن کي ڄاتو سي زنجيرن کان اٽوٽ،
نـاتـا سـي نـڪـتـا سڳـن جـهـڙا هـئـا.

دل، ڇريءَ جي چوٽ تي جي ها لکيا،
شـعـر سـي پـيـارا ٻـچـن جـهـڙا هـئـا.

وارَ ها ڪـنـدا پـٺـيءَ پـو يـار لـکـي،
سـڀ د شـمـن دوسـتـن جـهـڙا هـئـا.

لوڪ تن کي پيٺ خارن سان ڏني،
آدمـي جـيـڪـي گـلـن جـهـڙا هـئـا.

مونکي ماضي جيان پڪاري ٿي،
ياد هن دل ڳنڍيل ڪي ڏاري ٿي.

بعد تو! مئڪدي وڃڻ خاطر،
دل ڪري ضد هي شام ڏاري ٿي.

پيچرا ويا رسي حقيقت جا،
دل جيئي خواب جي سهاري ٿي.

تنهنجي! تصوير پرس ۾ ڏسندي،
روز هن روح ڪي روئاري ٿي.

پيار مان جي نہ، ڪلفتن مان ئي،
ڪيئنءَ بہ مون ڏي تہ هوءَ نهاري ٿي.

ديوتا ڪان بہ سو اتم هوندو،
جنهن تي هوءَ جان پنهنجي واري ٿي.

ويو ٻچا ٿس جڏهن ڪان ڪائي نانگ،
لڙڪ ڪيري تڏهن ڪان هاري ٿي.



جيئن چنڊ لٿو هو ساگر ۾،
هو موهہ وڏي ويو منظر ۾.

هڪ سهڻا تو ۾ ساهہ ۾ پيو،
آ ساهہ منهنجو سنڌو جر ۾.

هي ڪهڙو دؤر خدا! آهي؟
محفوظ نہ ماڻهو آ گهر ۾.

هو خنجر خوابن ڪو نہ ڏنو،
ساپيان جو لڪايو هو ور ۾.

ڪنهن پلجي چاتو ڪو نہ ڪڏهن،
هو روڄ جو منهنجي اندر ۾.

واسينگ ڪٿان هي آيا ها؟
او مولا! مورن جي تر ۾.

گل تنهنجي جهوليءَ منجهہ رکي،
مون خار ڪنيا ها پاڪر ۾.

كنهن تيز هوا جيئن گذري وڃ،
او پيار! پراڻا وسري وڃ.

ڪا سار لهڻ لئہ جيجل جي،
اڄ ڳوٺ اڏامي شهري وڃ.!

جنهن ديس جو آهين ساهہ! پکي،
تنهن ديس ڏي واپس اڏري وڃ.

هن قوم جي واڳ وٺي رهبر!
كنهن پار امن جي اکري وڃ.

هي پير کٽي ميرا پنهنجا!
منهنجي ڌرتيءَ تان نکري وڃ.

ڇو ٿوهہ جيان ٿو ٿين ڪوڙو،
ٿي ماٺون! مٺڙو مصري وڃ.



تبديلي نيٺ تہ اچڻي آ
هي خاڪ ڪٿوري ٿيڻي آ

ڪيسين رهندي ڪونج قفس ۾؟
هڪ ڏينهن تہ آخر اڏڻي آ

ناهي جنهن ۾ محبت سا دل
وکري واٽن تي وڃڻي آ.

بگهڙن جي چڙهي ور وئي اڄ پِي،
ڪا هيسيل هيسيل هرڻي آ.

هي واسينگن جي وستي آ،
سنپالي وک وک رکڻي آ.

عيسيٰ جان ٿياس تي ٽنگيو پيل،
پر سچ جي چيچ نہ ڇڏڻي آ.

سنڌ افضل هئي، سنڌ افضل آ،
۽ افضل ئي سنڌ رهڻي آ.

مخمور لکي ٿڪجي پوندو،
واڪاڻ نہ سنڌ جي ڪٿڻي آ.

## اياز جاني جي نانءِ

روح توکي پيو سڏي جاني!
راهه ۾ چو وئين ڇڏي جاني!

منهنجي من ۾ حسين يادن جا،
ڪيترا گهَر وئين اڏي جاني!

مون نه سوچيو هئو اچانڪ هيئن،
جلد ويندين هتان لڏي جاني!

توکي ڳوليون ٿا، تون ڪٿي آهين؟
وئين هليو کهڙي ماڳ ڏي جاني!

سنڌ تنهنجي حسين روئي ٿي،
شام سُڏڪي پئي سڏي جاني!



## سمبارا پبليڪيشن جا شايع ٿيل ڪتاب

| | | | |
|---|---|---|---|
| 1. | هاءِ هنيلا هوڏي پريتم | (مضمون/تاثر) | ساجد سنڌي |
| 2. | سمنڊ ۾ سپ | ( شاعري) | سرڪش سنڌي |
| 3. | اڌوري رچنا | ( شاعري) | منظور سمون |
| 4. | ٻاراڻي ادب جو مسيحا | (مضمون/تاثر) | هاشم لطيفي |
| 5. | شاهه عبداللطيف ڀٽائي | (مضمون/معلومات) | غلام شبير پيراهين |
| 6. | هوائن جي هندوري ۾ | ( شاعري) | وفا عظيم جلباڻي |
| 7. | اوجاڳيل اکڙيون | ( شاعري) | امر منصور چوهاڻ |
| 8. | مُرڪون محبوبن جون | ( شاعري) | "شاد" جلباڻي |
| 9. | رڻ رڙيون ٿو ڪري | ( شاعري) | نسرين الطاف |
| 10. | غلطي معاف | (مضمون) | جاويد جوکيو |
| 11. | شاهه لطيف جا شيدائي | (تحقيق) | راهب لاڙڪ |
| 12. | ڪنيس ڪويچن | (تنقيد/تحقيق) | مبارڪ علي لاشاري |
| 13. | دادلوءِ: تاريخ جي آئيني ۾ | (تحقيق) | پروفيسر فدا حسين "فدا" |
| 14. | سويرن جا اُلڪا | ( شاعري) | ملزم سومرو |
| 15. | لفظ هوا ۾ خوشبوءِ | (ريڊيو اسڪرپٽ) | جبار آزاد منگي |
| 16. | مٽيءَ جو آسمان | ( شاعري) | علي اظهار |
| 17. | ڇا؟ | ( شاعري) | منظور سمون |
| 18. | سار جا رستا | ( شاعري) | فرحان اڇڻ |
| 19. | اکين ۾ مند ميهنوڳي | ( شاعري) | سائل پيرزادو |
| 20. | سُڌِ سچل جي | (تحقيق) | علي حسن سرڪي |
| 21. | بڇهڙي آنکهه کا ماتم | (اردو ناول) | ساجد سومرو |
| 22. | ٻانڌي جي تاريخ | (تحقيق) | شبير احمد عباسي |
| 23. | پياسيءَ جون پڪارون | ( شاعري) | شاهن "پياسي" گبول |
| 24. | هينئڙي منجهه هڳاءُ | ( شاعري) | مخمور بخاري |

## ايندڙ ڪتاب

| | | | |
|---|---|---|---|
| 25. | مان اکيون ڇپن سان پڙهندو آهيان | (ڪهاڻيون) | عزيز قاسماڻي |
| 26. | اُماس راتيون اداس رستا | ( شاعري) | فهميده شرف بلوچ |
| 27. | ............... | ( شاعري) | خالد چانڊيو |
| 28. | سمبارا | ( شاعري) | ساجد سنڌي |
| 29. | ٻهه ٻهه ڪنڊڙ ٻالڪ | (ٻاراڻي شاعري) | اويس ڀٽو |
| 30. | ڪوي ڪشمور جا | (گڏيل شاعري) | ساحر سليم اوڳاهي |